# ڪشمڪش

(سنڌي ڪهاڻيون)

# Kashmakash

Short Stories in Sindhi


ليکڪ: اُتم

A. J. Uttam


قيمت رواجي جلد ٽي رپيا

ڪتاب ٽيتاليهون]          [مئي ١٩٧١


نئين دنيا پبلشرس
اي-9 هيرالڊ مينشن،
سيتلا ديوي ٽيمپل روڊ،
مهيم، بمبئي-16.



www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# ڪشمڪش

”هي ڇا؟ نه ڏيڻ نه وٺڻ، نه هڪل ڪيائين نه موڪل ورتائين، نه در کڙڪايائين، نه گھنٽي وڄايائين.“

”پر هتي ته نه تنهنجو گھر آهي، نه در آهي. ڪليل رستي لي ڪير ڪھڙو اطلاع ڏئي، ڪھڙي اجازت وٺي!“

”ڇو نه؟ جتي مان بيٺو آهيان، اهو منهنجو ئي گھيرو آهي. اُن ۾ ٻيو ڪو ڪيئن پير پائي ٿو سگھي؟“

”ڇو نه پائي؟ تون ڪھڙي سيتا ماتا آهين، جنهنجي گھيري ۾ ڪو راوڻ نه گھڙي؟“

”هتي هر ڪو سيتا ماتا وانگر، ليڪ اندر پيو هاي. هي راوڻ منهنجي گھيري اندر ڇو گھڙي آيو آهي؟“

”تنهنجي اندر ۾ سو راوڻ گھڙي آيو آهي.“

”اندر ۾ راوڻ هجن ها ته هنکي هيڏو ويجھو بيٺل ڏسي به ماٺ ۾ نه بيٺو هجان ها.“

”ماٺ ۾ ڪٿي بيٺو آهين؟“

”ڪيئن نه؟“

”پنهنجين اکڙين کان پڇ، گھڻا دفعا گھوريو اٿن هنکي.“

”اکڙين ته فقط اُٿي جو آدر ڪيو آهي.“

"اهو پاڻ نڳڻ آهي."

"سو وري ڪيئن؟"

"هر ڪنهن مرد لاءِ انهين جوان ليڊگر هڪ شڪار هوندي آهي."

"هر ڪنهن مرد لاءِ نه، پر هر شڪاريءَ لاءِ ڇوڪ ۽ مان شڪاري ناهيان."

"تون ڪو اناڙي آهين."

"شڪاري بڻجڻ پر ڪهڙي سؤ رهيائي آهي، شڪاري ٿي هڪ عورت جي مجبوريءَ جو فائدو وٺان، انکان بهتر آهي ته اناڙي ئي هجان."

"اڙي پاڳل! تون سمجهين ٿو ته هوءَ ڪنهن مجبوريءَ ڪان، تو سان گڏ اچي ويٺي آهي؟"

"ٻڌهن ڇا؟ هن، اوچتي آيل چوماسي جي وسڪاري پر پسي پٽ ٿيڻ بدران ٿي ته ڇتيءَ پر اچي اجهو ورتو آهي."

"جڻ تڏو تورو ڪيو اٿس."

"هن تڏو تورو ڪيو آهي يا نه، پر گهٽ پر گهٽ مولڪي شرف ضرور ڏنو اٿس."

"شرف!... ها... ها... ها... سو ڀلا ڪيئن؟"

"ڪلي اٿين تون، جڻ ڪا ڪيمپ ڪٽي اٿيئي. ڏس ته سامهون بيٺل مردن جون ابرڪا ڀريون اکيون، مون ڏانهن حسرت پر نهاري رهيون آهن. واٽ اٿين ڦاٽي ويو

ائين، جڻ ڪو سندن گهر ڪسجي ويو آهي. هوءَ منهنجي ڇنيءَ ۾ اَجهو وٺڻ پدران، ٻئي ڪنهن جي ڇنيءَ ۾ ۽ ٻرسات جي وسڪاري کان ڊڄي سگهي ٿي."

"تو جهڙي رشت پشت جوان کي ڇڏي، هوءَ ٻئي وٽ وڃي ها؟"

"ڇو نه وڃي ها. ٻرسات جي وسڪاري جي ڪن ٿي ته ڪانڊي هئس."

"اَڙي اَناڙي، هرڪا عورت فقط تو جهڙي سگهاري مرد لئي نٿي، هرڪ هاريندي آهي."

"جهڙيءَ طرح هر پرش، هڪ سگهڙ گهر لئي تـڙي ساهه ڏيندو آهي."

"اَڇا، ته تون هيڪي سگهڙ ڪنوار ٿو سمجهين!"

"ها، هوءَ هڪ سگهڙ ڪنوار وانگر ٿي، ته مـون کان ٻاڻ ڪوئي ڪوئي شرمائي بيٺي آهي."

"اِهي ئي ته عورت جا ڇل ڦل آهن ، جـن سان هوءَ تو جهڙن سادن مردن کي مڻبڻيدي آهي. نه ته ٻلا هيئن ڦهڻدڙ وات لئي ڪنهن اوپٽوُ پرش سان ڪـا سگهڙ اِستري اچي بيهندي آهي؟ ڪجهه سوچ، ڇو نو گهر آيل گرهه موٽائين."

"مون لاءِ اِستري ڪائڻ جو گرهه ڪونهي."

"هي گرهه ٻڃڻ واري گڏي ناهي نه ڇاهي؟ ڏس هيئن نه ٻاڻ کي دلڪش ٻڻايو ائس."

”هرڪو انسان پاڻ کي دلڪش بڻائڻ چاهيندو آهي. انهن ڪابه اُربع خطا ڪانهي.“

”ساڙهيءَ جو پلؤ ڦاهيندي، ڏسين ٿو ته ڪيئن نه تنهنجي ليڙن کي، پنهنجي سيني جي اُڀار ڍانڪڻ بدران ڪيئن لهرايو ٿي ڇڏي. ڇڪڻ لاءِ ليند پيئي ڏئي.“

”نيڻن کي نيند نه ٿي ڏئي، پاڻ اُنهن کي دُور رهڻ جي التجا ٿي ڪري.“

”اُچا! هنجي مدهوش نيڻن ۾ لوڪي التجا ٿي نظر اچي؟“

”ها، هنجي معصوم اکڙين ۾ هڪ انسانيت ڀري التجا آهي.“

”۽ تنهنجي مکڙي ٿي ڦهلجندڙ، هن جي گرم گرم ساهه جو ڇهاءُ، ته ڀي لرزش نٿو آڻي؟“

”اُن ساز واري لرزش ضرور آڻي ٿو، جيڪو هڪ مٺڙو معصومڙو آواز آلاپيندو آهي.“

”هنجي مکڙي روپي گلشن مان پکڙجندڙ هبڪار تنهنجي جوانيءَ کي ديوانو نٿي ڪري؟“

”جواني فقط ديواني نه ٿيندي آهي. اُها سياڻي به ٿيندي آهي. ياد ٿو اُچيم، اُلاهي ڪنهن استريءَ ٻڌايو هوم ته بس ۾ جوان ذاتيو لحاظ ۽ ضابطو رکي، ٿورو دُور وهندا آهن، پر مٺن ٻين جي ته اصل ڏکهري ٿي لهي ويٺي آهي. ايندا ڪاهيندا، ۽ اچي لڳي

لڳي وهندا.“

”۽ اهو بہ ياد هوندءِ تہ ڪنهن پرش انين اڳ چيو هوندءِ تہ ڪيئن نہ ڪي ڪي ڳالهيون، لڳي لڳي اچي وهنديون آهن ۽ پنيان بہ هيئو لڳائي بيهنديون آهن.“

”سڀ اگريون تہ برابر ڪونهن. هر ڪا ٻڪري پنهنجي ڦاهي چڙهندي.“

”تون تہ ڪو مرد ناهين، ڪا زلي ٽپڙي آهين. هن ٿلڪار ۽ برسات پٺيان فضا ۾، لنهنجي جڳهہ تي ڪو بيو جوان هجي تہ هڙو شڪار اصل هٿان نہ ڇڏي. ساٿس مرڪندي مرڪندي، منڙا منڙا بول ٻولي وٺي، قرب سان چانهہ جي آڇ ڪريس. پوءِ ڪنهن سئنيما تي چڪر هڻائڻ لاءِ ٻڌائيس ۽ پوءِ...“

”اهو سڀ ڪجهہ مان بہ ڪري سگهان ٿو. اٿم سڪهڙي فارسي آهي؟“

”تہ پوءِ ماڻهہ ۾ ڇو ٻيٺو آهين؟ نہ جيئن ڇا ڪان ٿو؟“

”مان غلط ڪم ڪري، هڪ نردوش راهي ويندڙ ناريءَ کي، خلق اڳيان ڪلڻ هاڻ لئو ڪرڻ چاهيان. هوءَ هڪ پرش تي وشواس رکي منهنجي شرڻ آئي آهي، ان سان وشواس گهات ڪري، کيس شرمسار ڪرڻ لئو چاهيان.“

”اڙي اناڙي، هوءَ تہ الٽو خوش ٿيندءِ.“

”نہ، انين ڇوڻ عورت ذات جي توهين ڪرڻي

ٽيمدي.“

”۽ ائين چئي ٿو ن مرد ذات جي تؤهين ڪري رهيو آهين.“

”نه، سڀ پرش ويچاري ڪونهن، جئن استريون سداچاري ڪونهن.“

”ڇي... ڇي... ذاتقوني خراب ڪري ڇڏيئہ... آندء نه اخلاق ۽ آدرش کي وچہ لپاٽي. حياتي مؤج مزي لاء آهي. جيترو مزو ماڻي سگهجي ماڻجي، ڪنهنجي پرواهه ڇو ڪجي.“

”نه، زندگي جيئڻ لاء ملي آهي ۽ اخلاق ۽ آدرش ٿي زندگيء کي جيئڻ لائق بڻائين ٿا.“

”ڇڏ اهي رشين ۽ مهاتمائن جون ڳالهيون، سڌ لي اليئي نہ ڪيئن وشوامتر رشي بہ مينڪا اپسرا اڳيان پنهنجو آدرش ڪوهي وينو هو.“

”مان ڪلهہ جو وشوامتر رشي ناهيان، اڄ جو انسان آهيان، جو ڪنهنجو پت آهي، ڪنهنجو پريتم آهي، ڪنهنجو پتي بہ آهي.“

”پر هيء نہ مينڪا اپسرا ٿي آهي نہ؟“

”نه، هيء بہ اڄ جي انسان ٿي آهي- ڪنهنجي ڌيء، ڪنهن جي پريتما، ڪنهنجي پتني.“

”ڇڏ اهي پتيوُن سماجڪ رشتن جون ڳالهيون ۽ هڪ پل جي لطف لاء ڇو وبهي آزاد پکين کي ڀاڻ ہ

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ڀڳڙجي. ھيءَ ڪن وري ڦٽ نہ ايندءِ. ھـــي موقعو
ھٿان نہ وڃاءِ.”

“مان نہ پسون پڪي آھيان، نہ موقعي پرست آھيان.”

“اڙي ڏس، ٻرسات ۾ ٿمڇي رھي آھي ۽ ھوءَ ٻـــ
وڃڻ جون تياريون پيئي ڪريئي. ڏس، ڪيتري نـــ
ونجھي اٿيئي...”

“نہ... چيم نہ...”

“ھاڻ مرڪي ٿي ۽ ٿي...”

“............”

“ڳيو ٿوري چئي ھيٺ ڪنڌين تہ ڪير ۾ نہ ڏسندؤ.”

“............”

“ڏس، ھنجي ساڙھيءَ جو پلاند لڏھنجي سوٽ سان
ڪيئن نہ لپٽيو پيو آھي.”

“............”

“ڳيو ٿورو ھٿ وڌاءِ تہ ھنجي ھٿ سان وچـــي
ملندءِ...”

“............”

“ٿوري ٻالهن ڪٽي وراءِ...”

“............”

“پنھنجي مکڙي کي ھنجي مکڙي جي ويجھو آڻ.
ماٺ ڇو آھين؟”

“بند ڪر بڪواس، مان ڪجھ ٻڌڻ نہ ٿو چاھيان.”

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

”اڙي اڙي، ھي اکيون ڇو ٿو بند ڪرين. برساتءَ
بند ٿي ويئي آھي ۽ شڪار وڃي ٿي ٿو..“

”مان شڪاري ناھيان... ناھيان.“

... برسات سچ پچ بند ٿي ويئي ھئي ۽ ھن رمڻيءَ
موڪلائيندي منٽري سنگيت جھڙي مڌر آواز ۾ چيو،
”توھان جا شڪرانا.“

ھوءَ ھلي ويئي. ھن جي اچڻ ڪري منھنجي اندر
۾ سجاڳ ۽ ستل من ۾ جيڪا ڪشمڪش ھلي ھئي سا
بہ بند ٿي ويئي. ستل من ھارائي پيو ھو. مان سوچيئي
پاتل، سجاڳ من ڪٽي اڳتي وڌيس. اڃا بہ چار وکون
مس کنيون ھونديم جو پٺيان کيھن جو ٺھڪڙو ۽ آواز
ٻڌم- ”سالا ٻڌو ٿا...“

# مـلاقـت

لاري ڇري ته ڊرائيور جي زبان به هلي. بنهي جي شرط ڏسڻ وٽان. الاجي ڪهڙيءَ ڪٿيءَ ڪنير جو چوانس ٿو، ”شاباس اٿيئي. هوا سان ڳالهيون ڪندو ٿو هلين.“

بس اچي پنهنجي واڪاڻ ۾ چٽڪيو. ”بابوجي، هيءَ اسپيڊ ته ڪجھ ڪانهي. اجا رکو ٻن لارين کان گـوءِ کڻي ويو آهيان. هونءَ ته ڏهن ڏهن کي ماري مـاٺ ڪندو آهيان. مالڪ، توهانجي سر جو سنهن وڃو. چي، ’مال کان وڌيڪ مهمان سان موه رکج.‘ الڪري اجـا آهستي پيو هلايان.“

”ڊپ نه ٿئيئي!“

”ڊپ؟“ ٺهڪ ڏنائين. ”ڊپ پاڻ اسان کان ڊڄندو آهي.“

پر مولڪي سچ پچ سندس تيز رفتار تـي ڏڪڻيءَ پئي ورتو. الڪري ساڻس گهڻو ڳالهائڻ کـان ڪيبايم پئي ۽ ”هان“ ”هون“ کان وڌيڪ نٿي اُڪليم.

منهنجي خوف کي تاڙي ٿي چيائين، ”بابوجي ڊڄو نه. هيءَ ڊرائيوري اسانجي اَبن ڏاڏن جو ورثو آهـي. الاجي ڪهڙا لڪ لتاڙيا هوندم. هي ۳۵ سال، سچ ٿو ٿو چوان، ۳۵ سال اٿين ڏاڪي نه ولوڙيو اٿم...“

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

٣٥ سالن تي ڏاڍو زور پئي ڏنائين. هو جيترو زور ڏئي، اوترو وڌيڪ ڪل اچيس. حقيقت ۾ هنجي ڪل عمر ٣٥ سال هئي ۽ ٻ راتيوري فقط ١٥ سالن کان ڪندو هو.

"... ٻاٻوجي اڄ هر چيز ۾ ملاوٽ ٿي پيئي آهي." اهي لفظ ٻڌندي پئي اُٿلڪو ڇرڪ لڳي ويم. ڇا هو مونکي ته نٿو ٺوڪي؟ منهنجي ڏاڏي مان ڪڏهن واقف آهي؟ ليڪن جلدي پڙ لهي ويو. چيائين، "ڪالهه کهڙي ۾ ته ٿيو، هن ٻ راتيوريءَ ۾ به ملاوٽ لڳي پيئي آهي. اصل اَناڙي رنگروٽ نڪري پيا آهن، جيڪي رلن کي سنڀالي نه سگهن ۽ اَئڪسيڊنٽ ڪيو وجهن." هو منهنجو ڇرڪ محسوس ڪري سمجهائيندو، "هي لاريون رلون ناهن؟ آهي ڪو هنجو ڏڻي سائين؟ ڪڏهن کهڙي ٻ راتيور سان ته ڪڏهن کهڙي سان. ڏڻو ڪونه ته هن ٿي هن رستي تي ڪيتريون نه بيوفا ٿيون پيئون هيون لاريون؟"

منهنجو مرڪڻ، هنجو ڦوڪجڻ. "ٻاٻوجي، اسانجي ڏينهن ۾ ڪا ٻ راتيوري سکبي هئي؟ اصل جوڳ پيا ٿيا پوندا هئا. گاڏي، ڏڪ ٻجا، الاجي ڇا ڇا سهڻو پوندو هو. هاڻي ته سائين ٻلبليون ۽ موٽر پيئون هلائين ۽ اوڙ رڙيڪ (گوه ڪٽڻ) پيئون ڪن. رشوت ڏيو، اکيون ميڪاريو، گٽ مٽ ڪيو، ليسن وٺيو اچن. ڪيئن ٺيڪ

"ائين ڇو، بابوجي؟" پڇيائين انهن جڏهن مون ڪي ڪو
گناهه ٿي ڪيو. ڳالهه بدلائي ڇڏيومانس، "توهان به ته ڇڪي
گٽ مٽ جاڻين."

ڏاڍي فلڪ سان وراڻيائين، "انگريزي پنج پڙهيو
آهيان. گهٽ ڳالهه ٿورئي آهي. اڄ مئٽرڪ وارو به مون
جهڙي گٽ مٽ نه ڪري سگهندو. الاجي ڇا ٿا پڙهين.
بابوجي، لنڊن ته ڇوان ٿيو ته هر چيز ۾ ملاوٽ لڳي
پيئي آهي" ۽ چئي کلي ڏنائين. پوئين جملو جڏهن ڪيم
ڪلام ڪچي پيو هوس. هونءَ به الاجي ڇو اهو پڙندي
دل ڌڪ ڌڪ ٿي ڪئي. الاجي ڪهڙا ڪهڙا وسوسا
پئي اٿيا من ۾. دل کي ڏاڍو ڏڍ پئي ڏنم ته آخر
هي ڪين جهڙو ڊرائيور منهنجو ڇو ڪجهه بگاڙيندو؟

منجهند جي مانيءَ لاءِ هڪ هنڌ ترسڻو پيو. لاريءَ
مان لهندي پئي چئن پنجن خانہ بدوش عورتن تي نظر
اٽڪي پيئي ۽ اها ڦيرين تي ڦيرين ته ڊرائيور چيو،
"بابوجي، اڃي هڪ مرغي." پنهنجي چوري پڪڙجڻ
تي گهبرايس ۽ ٻاهرئون پنو رکي ڪٽي شوڪيومانس ته
ڪلي ڳالهه ڦيرائي چيائين، "هنن جهنگلي مرغين جي ڳالهه
ائين ڪريان. ڪالڻ جي مرغيءَ جي ٿو ڳالهه ڪريان" ۽
منهنجو ٿڏو رخ ڏسي چيائين، "معاف ڪجو. هلو ته
هوٽل ۾ اندر وهون." ٽيا وينا سين ٿي مس ته وڏي
واڪي آرڊر ڏنائين، "اڙي او! بابوجي کي ليئي، ايڪ

مرغي اوَر اسپيشل لال پاڻي."

"لال پاڻي" ٻڌي ڪنهن سان ناڪار ڪئي ماڻس. پر
ڊرائيور چيو، "هي پيئندا نه ٻولندي، وسڪي به وسري
ويندو. بمبئيءَ ۾ نه، لڪي لڪي چڪي چاڙهيندا
هوندا، پر هتي دلي ۾ دلي هرڪو بي ڌڙڪ ٿي پيئي،
پيئو ۽ جيئو. هتي توهانکي ڪير ٿو ڏسي؟ جيڪو به
ڏسندو، سو پاڻکي تي پيو ڏسندو. هتي سڀ هڪجهڙا
وينا آهيون. ڪو به نئيو وڏو ڪونهي. بابوجي، هن
نئيي هوٽل مان ٻاهر نڪرندو آهيان ته پاڻکي ڏاڍو
نئيو محسوس ڪندو آهيان، گهٽتائيءَ جو احساس
گهٽبيندو الم. ڪٿو بابوجي ڪانو."

مونکي هيڏي لمبي ليڪچر ۾ سمجهه ٿي نه رهي ته
ڪاڏو ڪيڏي مهل آيو ۽ هن پاڻ لاءِ ڇا گهرايو هو.
"تون ڇا دال روٽي وٺنو ڪائين؟ لال پاڻي به ڪونه
تو پين؟"

"بابوجي، اڄ مالڪ سان قول ڪري آيو آهيان ته
توهانکي صحيح سلامت گهر پهچائڻ کان اڳ شراب کي
نه ڇهندس. اسين قول جا ڏاڍا پڪ آهيون. بابوجي،
توهين به انجام جا پڪا آهيو، جو وقت سر پهچڻ لاءِ
ٽرين لاءِ نه ترسي، مال-لاريءَ ۾ ئي چڙهي پيا آهيون."

پر هنکي ڪهڙي سڌ ته مون زندگيءَ ۾ ڪيترا انجام
ڪيا هوندا ۽ ڪيترا پڪا هوندا. مٿان ان ٻاري ۾ ڊرائيور

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه ٻيو به ٿي، اُنڪري ڳالهه کي بدلائي ٻيومانس، ”هونءَ شراب پيئندو آهين نه؟“ جڏهن هن وقت هنجو شراب نه پيئڻ مون لاءِ گهٽتائي جو باعث هو.

”ها، ها، ڇا ڪجي؟ غم کي پيئڻ لاءِ شراب پيئڻو ئي پوندو آهي. سچ ته شراب نه پر پنهنجو غم پيئبو آهي. پر بابوجي، توهين ڇو پيئندا آهيو؟ ڇا توهانکي به غم کي پيئڻو پوندو آهي؟“

”اسان کي ته نشو کپي“ الاجي ڪيئن پنهنجائي مان سچ چئي ويٺس ۽ رکيس ته ڪونه، ”اسانجي دنيا ته هلي ئي نشي تي. هر چيز جو نشو... هتراڏو نشو...“

”هتراڏو نشو؟ پر بابوجي اسانجي شراب ۾ ته هاڻ اهو نشوئي نه رهيو آهي. للهن ته ڇوانٿو نه هر چيز ۾ ملاوٽ لڳي پيئي آهي...“

هنجو پورو جملو ٻڌندي مهنجي هٿ مان روٽيءَ جو گرهه ڪري پيو. اهو ڏسي عجب ۾ پيائين، ”ڇو بابوجي، ڇاهي؟ اسان ۾ هٿ ۾ گراهيءَ جو ڪرڻ اپسوڻ سمجهبو آهي.“

ڳالهه کي ٽاريندي چيومانس، ”ڇڏ انکي، تون پنهنجي ڳالهه ڪر.“

”ها، بابوجي، اڄڪلهه شراب ۾ اهو نشو نه رهيو آهي. اهو جلد ئي لهيو وڃي ۽ پوءِ اهو غم، اهائي

غريبي. اهائي مالي* پور جي چنتا."

"اچ چنتا نہ ڪر. اچ مان آءُ ڪاراپانءَ. مرغي* جو آرڊر ڏيندس."

"نہ، بابوجي، اچ توهين منهنجا مهمان آهيو." پــر منهنجي چهري تي ان گفتي جو اثرو اثر ڏسي يڪدم پاڻڪي درست ڪيائين، "يعني مالڪ جا مهمان آهيو. مان توهانکي ڪنهن بہ بل ڀرڻ نہ ڏيندس."

جنهن وقت بــل پئي ڀريائين، تنهن وقت دل ۾ ڏاڍي آنند ماڻڻ پئي ٿيم. انکي شايد پاڻهي ورتائين جو يڪدم چيائين، "بابوجي، ائين تي سمجهو تہ مـــان نہ، پر منهنجو مالڪ توهانجو بل ڀري رهيو آهي. اسان غريبن وٽ ايتري وسعت ۽ حيثيت تـــي ڪٿي آهي جـــو توهانجي ميزبان بڻجڻ جو شرف ملي سگهي!"

ڊرائيور جو هي پنهنجائي جو نوع سهڻ ڏاڍو ڏکيو هو. هن جيتري گهڻي پنهنجائي تي ڏيکاري، مان اوترو وڌيڪ دور ٿي پئجو سانس. جڻ ڪو اڇوت هو. سوچڻ پئي ڪٿي منهنجي حيثيت، ڪٿي هي خسيس ڊرائيور. پر ساڳئي وقت هن سان گڏ ويٺو هوس. توري ٿي ڊپ يا حادثو ڪرڻ سان مونکي تباهہ ڪري سگهيو ٿي.

هنجي ان پاڪ ۽ صداقت ڀري شخصيت موهي رهي هئي. پر هڪ وڏائي جو احساس هنکان الڳ بہ ڪري رهيو هوم. مـــان جڻ نہ ترشنڪو وانگر وچ لٽڪيل

هوس. نہ کيس صفا ڏڪاري ٿي سگهيس ۽ نہ پنھنجائي ڏيئي ٿي سگهيرسانس. اچــا انهيءَ ڪشمڪش ۾ ٿي هوس جو لڪيم ڪلام ٻڌم، "بابوجي هر چيز ۾ ملاوت لڳي پيئي آهي. سچي ڳالھہ ٻڌايانوَ، اڄڪلھہ مان مهمان ڪان ورتءُ ويندو آهيان..."

"ڇو؟" ٻڍي ٿي ويئس.

"هڪ مهمان ٿي معھنجو ننڍو آکيرو... ڊاهي ڇڏيو..."

چوندي لاريءَ کي زور سان ٻريڪ ڏنائين. ڏاڍو جهو ٻو آيو. هنجون اکيون ڳاڙهيون ڪڪڙ ٿي ويئون. جڻ شراب موڻ ڏ، هن پيتو هو. وري چوڻ ڏــو چوانس، "آکيرو هڪڙو ڊٺو نہ ٻيو ڪٽي ٿاهہ، اهو ڪهڙي وڏي ڳالھہ آهي." بس شڪل نھائين ڳاڙهي ٿي وءُس ۽ چپ ڦڙڪڻ لڳس.

"بابوجي توهان وٽ اها وڏي ڳـالھہ ڪانهي..." چوندي چوندي هنجو گلو گهٽجي ويو ۽ لاري تيز رفتار سان سنسان رستا پار ڪرڻ لڳي.

جيتوڻيڪ اها حقيقت ٻــ هئي تہ ٻہ هڪ ڊرائيور اڳيان دل ميڇ لاءِ ڇپو نہ ڪيو. پاڻکي ڪيئن هيٺ ڪريان؟ هو جواب لاءِ نہ ترسيو. چوندو رهيو، "اسانجو آکيرو ڇا پکين پسن جو ڪکن ڪانن جو آکيرو آهــيِ، جو ائي ٻي ڊهي ۽ ٺهي سگهندو؟"

هنجي ان سوال تي دل ڏــي دل ۾ کلي ويئس.

ٻارهن ٻارهن ڪلاڪ يڪساهي ڊرائيوري ڪرڻ جا لوڙن جو ڪم نه هو ته ڇا هو؟ پر ڪيس اهو سڀ ڪيئن ڇوان؟ اهو ڇورڻ سڪيو ٿي ڪو نه هوس. سڀ ۾ ڪوڙ جي ملاوٽ ڪري ٿي ته اڄ ڦيري واري مان دوڪاندار بڻيو هوس ۽ دڪاندار مان سيٺ بڻجڻ جا سپنا لهي رهيو هوس. پر ڊرائيور ته سڀ ڇولدو ٿي ويو ۽ ان سڀ ۾ دلچسپي ۽ وڌلدي ٿي رهي، ڇاڪاڻ ته اهو سڀ هو ڄڻ روماس ۽ راز سان ڀمتار هو.

”ڀِڻ وڻي هڪڙو ڏينهن هو،“ ڇوندي وري ڪٽي ٻيڪ ڏيئي لاري بيهاريائين، ”جڏهن مان پنهنجي گهر موٽي رهيو هوس، جئن توهين اڄ موٽي رهيا آهيو...“

هنجي ان گفتي بدن ۾ ڏڪي پيدا ڪيم. ڇا ڊرائيور کي ٿڌهن سڌ آهي ته مان ڇو ڪڙو گهر موٽي رهيو آهيان؟ وري جو چيائين، ”گهبرايو نه، مان توهانکي پوري وقت تي گهر پهچائيندس،“ ته پگهر ۾ شل ٿي ويس. ليڪن جڏهن چيائين، ”منهنجو گهر ڇا هو، ڄڻ جهوپڙي ٿي ته هئي“ ٿڌهن وڃي سامت ۾ آيس.

”پرين ٻن مهنن کانپوءِ پئي گهر موٽيس. هي پهريون دفعو هو جو ايتري دير ٿي هئي نه ته مهني اندر ٿي موٽندو هوس. جيتوڻيڪ سدائين ڪٽ پٽ کان تنگ ٿي ڇولدو هوسانس ته دير سان ايندس. سياري جي رات. دل ۾ اَنيڪ اَنسنا ۽ اُميدون. سوچيم ته پنهنجي پتنيءَ

ڪي اهڙو خوش ڪندس جو هن کي ڏاڍ جي لڪ ئي نه ڀولندي. پر... هوءِ نه اڳ ئي خوش وڻي هئي. اهڙي خوش جهڙي اڳ نه ڏٺي هئم. پر هوءِ مونکي ڏسي ڏمڪجي ويئي ڄڻ ڪيس منهنجي اچڻ جي اميد ڪانه هئي يا ضرورت نه هئي. گهر ۾ چوطرف نظر ڦيرايم ته اهو ته هوندءِ کان وڌ يڪ سينگاريل ٿي نڪو. چيومانس، اڄ ته گهر چمڪائي ڇڏيو اٿيئي؟ جواب نه ملڻ تي چرچو ڪري پڇيم، 'ڇو ڪو پيو اچڻو هو ڇا؟' هن ڪنڌ سان 'ها' ڪئي. ها، هن سچ پچ هاڪار ڪئي. مون سپنو لٽي ڏٺو. منهنجن پيرن هيٺان زمين کسڪي ويئي. الاجي ڪيئن زبان مان نڪتو، 'ڪير؟' چيائين، 'هو توهانجو دوست جو توهانجي هوندي ٻه ٻه ٽي دفعا مهمان ٿي رهي ويو هو.'

'هان اهو ٿلهو...'

'هوءَ ڪلهه رات جو آيو هو. سوچيم سيءَ ۾ هو ڪٿي وڃي مٿو لڪائيندو. انڪري ڪٽي اَجهو ڏنوماس...'

"بابوجي، چوندي چوندي سندس شڪل ائين ڦرڻ ڦرڻ لڳي جو، مان وائڙو ٿي ويس. پڇيومانس، 'ڇو توسان ڪائي اڻڀڳي هلت هليو آهي ڇا؟' جواب ندارد. پر وڏيون اکيون جن سان هميشه سڌو مون طرف ڏسندي هئي، اهي زمين ڏانهن جهڪيل هيون. ڪنهن پاپ لي پردو وجهي رهيون هيون.

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# منا مانهو... ڪتا سنگترا

ھرڪو ٻڌم. دل ھرڪجي ويٺي. اٿي در لاٿم. برسات جي ٻوندن سان گڏ گھورڙيءَ جي لفظن جي لڙي پڻ اندر گھڙي آئي:

”ٻانوَ، اڄ ناگپوري سنگترا آندا اٿم. باقي ٻه ٽي داڻا آھن. سستا ڏيندو سانوَ! ڪلهاٽيءَ گھر وٺو اٿم.“

”اَڙي اھي ته تون پاڻ به ڪاٿي سگھندين ٽي.“

”سائين، اسين ائين ڪريون ته ٻئي ڏينهن ڏيوالو ڪيون. ھن مهانگائيءَ ۾ ٻچڙن لاءِ اھي به ٽڪا ته ڇڙن ڪمائي وٺجن.“

ھو اڪثر ڪري ڪو نه ڪو ميوو ڪٺي ايندو ٿي ھو ۽ ائين ٻڪساھي ۾ مشين وانگر لفظن جا پرزا ڳنڍيندو ڇوندو ويندو ھو، ”فلاڻو ميوو خاص توھان لاءِ آندو اٿم. باقي ٻه چار ٽنگ آھن. سستا ڏيندو سانوَ. جلدي گھر وٺو اٿم.“

۽ مان به مشين وانگر ٿي جڙ تڪيه ڪلام دھرائيندو ھوس:

”ضرورت ڪانهي. سستا ڏيندين ته ڪٺي وٺندس. پر خراب ته ڪونهن، ڪتا ته ڪونهن؟“

اڄ به اھو پنھنجو تڪيه ڪلام دھرايم.

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ڪلي ڇيائين، ”ديران، ناگپوري سنگترا ٻه ڪي ڪٽا ٿيندا آهن ڇا؟ ڪاڏي مکياري“ چوندي چوندي هڪ سنگترو چلڻ ٿي لڳو، پر تمام آهستي آهستي، شايد ميوي جي وڪري سان گڏ مئوگيان جو ٻه ڪو ماهر ٿي لڳو. سو سندس فلڪ تي وشواس ڪري سنگترو چلڻ لي زور نه رکيومانس ۽ سنگترا ڪٽي ورتامانس. پر ته ٻه الاجي ڪيئن چئي وينس، ”پاڻو، اڄ وقت ڏي اهڙو آهي، جو سيڪجهه ڪٽو ڪٽو ٿي پيو آهي!...“

”هه.. هه... اَدل سچ ٿا چئو“ ڪلندو چوندو ٽڪڙو ٽڪڙو هليو ويو.

مان هنکي ڏسندو ئي رهيس. ٻاهر هنکي تي ڏٺم، پر اندر ۾ ڪنهن ٻئي کي ٽٽي ڏٺم. من ۾ هرڻ لڳو ته، مون جيڪو گفتو هنکي چيو، سو منهنجو پنهنجو ته ڪوله هو. پرانو هو. پر ان ۾ مون لاءِ ڇا پنهنجائي سمايل هئي، سا وسري لٿي وسري. سنگترا ته ميز تي پيا رهيا پر منهنجي من ۾ يادگيرين جا سنگترا هڪ هڪ قار ٿي ڇلجندا ويا......

اُن ڏينهن ناگپور اسٽيشن تي ريل جو انتظار ڪري رهيو هوس. آفيس جي ڪم سانگي آيو هوس ۽ اهو پورو ڪري موٽي رهيو هوس. بينچ تي ڪنڊ وٺي وينس ته مس ته هڪ جوان جوڙو ۽ هڪ ٻالڪ ٻه اچي پرسان وينا. سي جان بينچ ۾ چڙ ساهه پٽجي ويو،

وڻڪاريءَ ۾ وسنشن ٿي ويئي. هاڻي اسانجي ويٺي، اُن هنڌ گهوڙن جي واڪو واڪاڻ شروع ٿي ويئي. هو طرح طرح جي ڊوڪن سان هرڪائڻ لڳا. نتيجو اُس ۾ اسان گهڻائڻ لاءِ ڪٽي سنگترو ورتم ۽ هن ٻالڪ ٻه، ڪيڻو ڪيو. سندس ماءُ گهڻو ئي ٽارڻ چاهيو پر ٻار ڪٿي، ٿو مڙي. مجبور ٿي ٻالڪ کي سنگترو وٺي ٿي ڏنائين. ٻالڪ جيترو ئي خوشيءَ ۾ پرجي سنگترو ڇليو، اوترو ئي هڪ ڦار چکي، ڪجهي اُٿيو. ماءُ کي اهو موٽائي ڏنائين ۽ چيائين، ”ممي، هي کٽو ئي کٽو آهي، ون، مونکي ٻيو وٺي ڏي.“

”مٺا، حرام جا پئسا آيا آهن ڇا، جو ٻيو وٺي ڏيانءِ؟ ڪاٿي ڇڏ، ٽڙي ۾ اُنکي ڪونه ٻولدءِ.“

پر ٻار پنهنجي آڙي ٿي.

منهنجو سنگترو نه مٺو نڪتو هو. مون اُهو ڪٽي هن ٻالڪ ڏانهن وڌايو ۽ مرڪي مرڪي هنکي اُهو وٺڻ لاءِ آڏ رائڻ لڳس. پر، هن خود دار ان ڏانهن اک کڻي به نه نهاريو، اُلٽو ڪجهڻ بند ڪري هڪدم گمڀير ٿي ويو. پنجن ڇهن سالن جي هيڏڙي ننڍڙي ٻالڪ جي خودداري ڏسي دنگ رهجي ويس. مگر دل ئي دل ۾ اُن تي خوش به ٿيس. انڪري سنگتري لاءِ زور ڀري هنجي خودداري ۾ ڦٽو وجهڻ نه چاهيم.

ٻالڪ جي ماءُ، سنگتري جي ڦار پنهنجي پٽيءَ کي

ڏني. ليڪن هن اها نه ورتي. مون تي هنجي انڪار، ٻالڪ جي انڪار جي اُبتڙ ئي اثر پيدا ڪيو. انساني من به ڪهڙو نه عجيب آهي، جو هڪ جي انڪار تي اهو ٻلهار پئي ويو نه ٻئي جي انڪار تي وڃون وڃون پئي ٿيو.

اُن تي جڏهن گهڻو ئي سوچيم، تڏهن ئي من لاءِ موهه تي وڌيم، جنهن هن ٻن جڻن جي انڪار کي ٻرڪڻ لاءِ ٻوري تڪ تـــور ڪئي هئي ۽ انصاف پسند رد-عمل ظاهر ڪيو هو. مان شايد اجـا به منهن ڦيري سوچيندو رهان ها جو ٻڌم، "هي ڪهڙو وقت آيو آهي، جـــو سيڪجهه ڪٿو ڪٿو ئي پيو آهي. پنهنجا مٽا ماڻهو به ڪٿا تي پيا آهن؟"

منهنجو منهن اُزخود هن سڌ رئيءَ ڏانهن ڦري ويو، جنهن جي فيلسوفاڻي مکه تي غم جا ڪارونيار ڪڪر ڪاهي آيا هئا. هڪ ڪن نه جڻ موت جهڙي ماٺ لڳي وئي. ٻالڪ ماءُ جي گوڏي تي ئي ليٽي پيو ۽ ٻـــيءَ جڻن جو تڏهن وينو هو. جڻ هنجو پنهنجن ماڻهن سان به ڪو سنبنڌ ئي ڪونه هو.

هوءَ مون لاءِ هڪ اُجنبي عورت هئي، پوءِ بـــه سنڌس گفتو مولڪي ڪيترو نه جـالل سچال ئي لڳو، ڪيتري نـــه پنهنجائيءَ جي پڪار سان ڀر تي لڳو. منهنجي هن جي ٻاري ۾ دلچسپي وڌڻ لڳي، جيئن ٽيڪ

هي ٻرش ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ مولڪي لڳو، هو أهو ئي راجا دشيئت هو، جو پنهنجي ڀرپتما ۽ پتنيءَ شڪنتلا کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪري، گهر کان لوڌي رهيو هو. هاءِ! هيءَ اڄ جي شڪنتلا ڪٿي ڪٿي وڃي ڀٽڪندي ڦرندي؟

مان انهن سوالن جي ساگر ۾ اچا ۽ غوطا کائي رهيو هوس، جو وري ٻه أهو ئي سريلو سوز ڀريو آواز ٻڌم-
”ڇا ٿئي ها جي توهين ٻه مون سان گڏ پيڪي هلو ها. هيئن لڏڪو وجهڻ سان خود مائٽن جي ، نظرن ۾ ڪري پئبو آهي. جنهن پيڪي گهر جي پرواهه نه ڪري، توهان سان فخر سان هلي آئي هيس ، اڄ اُن گهر ۾ بي مانو ٿي ڪيئن ويندي هوندي ٻس، ڪڏهن سوچيو ب اٿو؟ ڇا منڙو پيار، ايترو جلد ڪٿو ٿي پوندو آهي؟ مون نه ڪڏهن سپني ۾ ٻه نه سوچيو هو نه مان توهان لاءِ ايتري ڪٿي ٿي پوندي ٻس، جو هنن ٻن ٽن سالن ۾ ڇهه اُٺ دفعا ڪٽ ڪٽ ڪري پيڪي گهر رئي ڪوٺيو مهمان ٿي وڃڻو پوندو ۽ رئي ڪوٺيو گهر واپس موٽي اچڻو پوندو. هائي اهو سڀ سهڻ لاءِ ڪجهي ڏاڍي سوڙهي آهي... هڙي جيئڻ کان نه موت...“

منهنجي دل ڀرجي آئي هئي، جڻ آپ آب اوتڻ لاءِ آتو هو. هوءَ ظاهري نه سانت ٿي لڳي، پر اندران ئي اندران جڻ سڏڪا ٿي ڀريائين. جنسي ورلاپ ٿي ڪيائين.

ڪجهہ گونگ ٻوڙ ۾، گهٽ ٻُوساٽ ۾، اصل شمشان جي شانتيءَ ۾ ٿي ٿو گذري.

هي سچو نظارو منهنجي من ۾ طوفان مچائڻ لڳو. طوفان جنهن ۾ صبر ۽ ڀرم جون پاڙون پٽجي وينديون آهن ۽ ڇتجي ويندو آهي هڪ ٺهري ٻج نفرت جو، جيڪا سڀ سندرتا ۽ سنبنڌ، ساڙي رک ڪري ڇڏيندي آهي. منهنجو هٿ رڪجي رڪجي، پيڙجي پيڙجي اٿيو ٿي هن پتلي کي ڌونڌاڙڻ لاءِ...... تہ هڪ لنڊڙي آواز منهنجي اندر ۾ سس ڪيو- ”تنهنجا هي ڪهڙا مانت لڳن جن سان همدردي ۽ نفرت ٿو ڪرين؟“

”ڇا همدردي ۽ نفرت لاءِ رت ماس جو رشتو ئي ضروري آهي؟ انسانيت جو ناتو ڪافي ڪونهي.“ منهنجي من ۾ وڙهہ شروع ٿي ويئي.

”هہ...... هہ...... انسانيت...... انسانيت تہ ڪڏهن کو مري ويئي آهي. نہ تہ هڪ معصوم، هڪ مٺي سنگتري لاءِ سهڪندو رهي ۽ هنجي جيجل ڏسندي رهي. هڪ پٽڻي، پيار لاءِ ٻاڏائيندي رهي ۽ پٽي، پٿر جي پتلي جئن سانت ويٺو رهي!“

”ضروري ڪا مجبوري اٿن!“

”ها، ها، من جي مجبوري!“

”نہ، نہ،......“

منهنجي من جي وڙهہ جاري ٿي هئي، جو هن

رومال، هن مرد جي آنسن سان تر اُڪرين اکيان ڪٽي جهليو. پٽر موم اٽجي ويو هو. پٽر ۽ موم جو اهو ميلاپ ڏسندو ٿي رهان ۽ وَهسندو ٿي رهان، اهڙو سوڀاڳيه نه مليم، جو منهنجي ريل اچي ويٺي! مان ٽڪڙو ٽڪڙو وڃي ان ۾ چڙهيس ۽ جيستائين ڏسي سگهيس تيستائين ڏسندو رهيس هن خود دار بالڪ، هن فيلسوف عورت، هن لڙڪ لاڙيندڙ مرد کي......

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# ”۽ مان؟....“

مڪان جي ڇت ٺهي پيئي، ۽ محنت جو ميلو ٽُٽي لڳو. سڀئي ٻي جان پلاٽ ۾ جنسي جان اچي ويئي. خوب واڪو واڪا لڳي ويئي- مزدورن ۽ مشين جي، ٺيڪمن ۽ لغارين جي. تازا توانا مزدور خوب سڀڻ سات ڪري، واس ڏوپ ڏيئي ڪم لڳي جنبي ويا، فوجي سپاهين وانگر. هرڪو پنهنجي ڊيوٽيءَ تي پهاڙ وانگر اَڏول. ڪن ريتي پئي ڪٽي ته ڪن پٿري. ڪن پاڻي ته ڪن سيمينٽ مشين ۾ پئي وڌي. ڪن ٺهي چيزن کي پئي ملايو. ڪن لغاريون پئي ڀريون، ڪن اهي ڪٽي ٻين کي پئي پهچايون. ڪن اهي خالي پئي ڪيون ته ڪن سنوت پئي سڌي ڪئي.

ڏالون مرد ڪلهو ڪلهي ۾ لائي پئي هليا. ڪڏهن ڪڏهن ته پريل لغارين سان ڊڪيا به پئي. ڪلندي کيڪاريندي ۽ خوش ٿيندي، گيت گنگنائيندي. بوجو ائين ڪٽندا ۽ اڇلائيندا ٿي ويا جڻ ڪو ٻال هو، جنهن سان راند ڪندا هجن.

هن ميلي ۾ فقط مان ئي هوس جو سوٽو موٽو ٿيو ويٺو هوس. هيءَ محنت جي ڇيڇ ڏسي رهيو هوس-

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

اڪيلو، اجنبي ۽ ٻي روح ٻڌجي. منهنجو ڪم هو ته تـ
ڏسڻ ٿي. ان ڏسڻ جا ٿي هر مهني لولن جيڏا هڪ
ڏيڍ سؤ رپيا ملندا هئا. سپروائيزر هوس-ها سپروائيزر! ڪيڏو
نه شان مان وارو عهدو هو. نه؟

ان شان مان خاطر ٿي ته آٺو ڇهو ڇڏي آيو هوس.
پاڄاڻيءَ چيو هوم، "لنڊڙا، ڪيترو وقت ائين وڃڻو
ڪائيندين - وڃي ڪو پنهنجو ٻوٽو ٻار."

مون سمجهيو، هوءَ ڏاريو رت آهي. تنهنڪي ڇا
کهڪاءُ پوندو. پاڙي ڪي دانهن ڏنم. "گهٽ ۾ گهٽ
مئٽرڪ تـــه پاس ڪريان، جئن ڪـــا شانائتي مانائتي
نوڪري ملي."

چيائين، "في الحال جيڪا به نوڪري ملئي، سا
وٺي ڪر. پوڙهيءَ ۾ ڪو به اهم ڪونهي. پاڄاڻ ۾ ـــ
ٽوپو ٽرو ڏئي پيئي گهر جـــا ٽنگ ڀـــري. ڪيستائين
تنهنجو مئٽرڪ ناپاس ٿيڻ ۽ لڪمٺو وهڻ سهي سگهبو؟"

بس گهر ڇڏي آيس. جڻ گهر نـــه هو، فقط گاري
ڇپي جـــو ن پٽيون چنيون هيون. دل ۾ چيو هـــوم،
"ڪنهنجي ٽڻمڻ چـــو سهجي؟" پر هـاڻي اهو ڪيئن
چوان! ڇٽي به ڪيئن سگهندس؟ جو سنو اٿم، سو مان
ٿي لٽو جاڻان، دنيا به جاڻي ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪن عزيزن مواڏانهن اشارو ڪري
پاڻم پڻ ڪئي هئي، "فلاڻي جو پٽ اٿيئي! ڇـــا

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ڀرحال ڪيا اٿس!“ يا ”ويچاري کي، سڀئي ڀاءُ ٻه ڪيڏي چڙيو آهي.“ حقارت ۽ همدرديءَ جا هي اظهار ٻڌي گهٽتائيءَ جو احساس گهٽبو ويندو ويو. نه ته ڪڏهن گهٽبو هوس. هاڻي ته اهو احساس ئي نه رهيو آهي. پنهنجي مالڪن جون ڳالهيون، مون خبر ناهي ڪيترئي ڀيرا ٻڌيون آهن ڪوڙا الزام سنا آهن، طعنا تنڪا ٻڌا آهن- انهن تي ڪنن ساڻ. جن ساڻ ڀاڄائيءَ ۽ ڀاءُ جا ريڪو ۽ اکر به مونکي آگ تي لڳا هئا.

هاڻي ته بس هڪ مشين وانگر اهي احساس ٿي پيو آهيان، جيڪا سيمينٽ، ريتي ۽ پٿريءَ کي ملائي اهو فولاد ٺاهي ٻڌائي، جنهن لي ڪيترو ئي برجو اٿر نٿو ڪندو آهي.

صبح جو سوير ڪم تي ايندو آهيان. سنجها ڌاڌي ويندو آهيان گهر. گهر؟ نه، هڪ هوٽل جي چئل ڪٽ. سيٺ جو هڪ سڙ ڪم ڪندو آهيان. ٻارهن مهنن ۾ هڪ ڏينهن به رام جي اجازت ناهي. آرام معني پگهار ڪٽ. پر ڪڏهن ڪڏهن ”ڪم ناهي“ چئي سيٺ زوريءَ آرام ڪرائي پگهار ڪٽي ئي وٺندو آهي.

پوءِ به جس نه پوندو آهي. جس لاءِ ٿي نه هي پراڻي جيئي ٿو. جس تي سڄو جهان به ڪنهن لي ڪٺي سگهجي ٿو. پر جس نه هوي نه پير ٿي ٿيي پون. گڏريل

ڇهن ستن سالن ۾ الاجي ڪيترا مالڪ مٽايا اٿم. عجيب آهن هي مالڪ. پگهار ١٠٠، ١٥٠ رپيا ڏيڻ ۽ رسيد ٢٠٠ جي وٺندا. انڪار ڪر ته نوڪري ڇٽي. ڪنهن ملازم جي بي ايمانيءَ جي، مالڪ اڳيان پٽ وائڪي ڪيم ته نه نوڪريءَ ڪان جواب. ڪنهنجي ڪاري ڪوجهي، منڊي ٻنڊي مائٽياڻيءَ سان لائون نه لڌم ته به نوڪري ڪانه. عجيب غريب مرضيون آهن هنن مالڪن جون. ۽ ماڻهو چوندا آهن، ”ٻيهر ۾ ڇڏيو اٿيئي ڇا، جو ڪٿي ٽڪاڻو لڳو ڪائين؟“

بس هاڻي ٽڪاڻو ڪاٿو ٿي آهي. انڪري مان-اپمان جس-اپجس کي اندر ئي اندر گهٽي ڇڏيو اٿم. مڙيئي پيٽ ڪٽي کي ٽڪر ڏنو آهي......

۽ انهن ويچارن جي وچ سير ۾ غرق هوس جو ڪنهن جي رڙ، سجاڳ ڪيم، ”ڇٽي ڇوري، هي ڇا ڪيئه؟ بابوجيءَ جي ڪپڙن تي داغ ڪري ڇڏيئه؟“

”جاڻيءَ ٻوجهي ٿورئي ڪيم، لغاري لڙڪي ويئي. معاف ڪجو.“ چوندي مون ڏانهن نهاري مرڪي ڏنائين ۽ منهنجي ڪجهه نه ڪڇڻ تي هوءَ پنهنجي آڱوٺي کي لڪ تي رکي آڱريون لوڏائيندي، مزدور کي چيڙائڻ لڳي. مونکان آلاجي ڪيئن مرڪ لڪي ويئي نه هوءَ ٺهڪ ڏيڻ لڳي ۽ ٻانهون لوڏائي ڦرموٽيءَ والگر ڦرڻ لڳي. مزدور تهائين غصي ۾ لعل ٿي ويو. ”سالي ڪم

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

پورو ٿئي ته توکان حساب وٺندس.“

”اڙي وڃ وڃ، آيو آهي حساب وٺڻ وارو،“ چوندي هو هلي ويٺي ۽ ٻنيان نهاري مرڪندي ويٺي.

ڇا ته فلڪ هئي هن مزدورڻ جي! مان به ڪنهن وقت اهڙي فلڪ ڏيکاريندو هوس. ٻر من چيو، ”هن جي فلڪ، تو واري سگهڻي ڪنهي ڪاٺهي.“

مون مزدور کي چيو، ”هڙي خسيس ڳالهه تي ايڏو غصو ڪبو آهي ڇا؟“

”بابو جي، غصو نه ڪجي ته ڪم ني نه ٿئي. ٻڌو نڪر ماٺهو ٿهي تو ڇا ڏسو لتا ته هڪ جڻي جي غصي واري هڪل ڪيڻ ته سيني مزدورن پر ڦڙلي آٺي ٻيٺي ڇڏي.“

اڄ هيءَ لٺين ڳالهه ٻڌي هئم- ۽ هڪ مزدور جي واتان، جنهن غصو سهي به ڏٺو هو ته ڪري به ڏٺو هو. مون غصو فقط سنو ئي هو ۽ جڏهن ڪيو هوم ته ڪم ئي نه ٿيو هو. هاڻي ته پاڻکي ٻڌو نڪر ٻڌائي ڇڏڻو هوم. انڪري هاڻي مرقعو مليو هوم ته اهو به هٿان ڇڏي ڏنم. مــن چيو، ”هـن ڇوڪريءَ ته ٻي خيالو ٿنهنجن ڪپڙن تي معمولي داغ ڪيا آهن جيڪي ڌوئي بــه سگهجن ٿا، پر جــن انسانن ٿنهنجي دل تي اَمٽ داغ ڪيا آهن، تنکي تو ڇا ڪيو؟ هن مسڪنڙ ته وري بــه معافي ورتي ۽ مرڪ ڏني.“

هنجي مــرڪ موهيو هوم، انڪان ڪيئن انڪار

ڪريان؟ سچ ته اَڄ ٿي، سڌ پيئي هئم ته ماڻهو مرڪ
لاءِ ڇو مرندا آهن. هيءَ مرڪ ڪنهن ڪير جهڙي اڇي
خوبصورت گجر جي ٻه نه ڪانه هئي. مزدورڻ تـــ
آماس جهڙي ڪاري هئي، پورن ڪاري رات. هنجي
ڪنن ۾ ڪوڙن ڳاڙهن هيرن جون ڦلهيون، انهن تـــي
چمڪيون، جئن پاڻ اونداهيءَ ۾ ريڊ سنگنل. فقط جڏهن
مرڪيائين تـــي تڏهن اَڇا ڏند انهن تي نظر آيا، جئن
شوخ ڪارن ڪڪرن مان وڄ وهسندي آهي. ليڪن
مـرڪ تي اَڇاڻ، ڪارڻ جـي مهر ته ٿيندي ڪانهي.
ها، اُنجا انسان وانگر ٻه طبقا ضرور ٿيندا آهن-مطلبي
۽ معصوم. هيلتائين نه مونکي رڳو مطلبي مرڪن جـا
ٿي ڍير مليا هئا، جن موهڻ بدران مونکي جنسي مسلي
ڇڏيو هو. ليڪن هن مسڪنڙ جي معصوم مرڪ مونکي
مچلائي ڇڏيو هـو. منهنجو نظرون هنجو پيڇو ڪنديون
رهيـــون.

هوءَ هڪ دفعو وري آئي ۽ موقعو تاڙي چيائين،
"بابوجي، اِئين نـه نهاريو. ڪٿي نظر نه لڳي وڃي."
هوءَ ٻيني ڪالـه، رڳو پٺ ورائي مرڪيائين. پوءِ ٻين
مزدورن سان گڏ قطار ۾ گم ٿي ويئي ۽ ڪم ۾ مشغول
ٿي ويئي. مان شرمائجي ويس. هن تان نظرون هٽائي
چوگرد ڏٺم. عجب پئي لڳو ته هيڏيون پريل لغاريون
ڪٽي هي نازڪ بدن عورتون ڪيئن اچ وڃ ۾ ميلان

جا ميل هلي ٿي سگهيون! اَسين ماٺ هـو ۽ جيڪر ايڏو بوجو کڻندڙي ٻڪري پٽون. اسين سڄو وقت پيا پنهنجو ڏيل ڏسندا آهيون......

اَچانڪ ئــي هڪ ڦرلدڙ هار جيان، قطار مان هو مزدور جنهنکي منهنجن ڪپڙن خراب ٿــي پوڻ جو تاءُ ٿــي ويو، منهنجي ڀر ۾ اَچي بيٺو. چيائين، "بابوجي، ڏسڄو ويهي اسانجي محنت. هــيءَ جاءِ اهڙي مضبوط ٿيندي، جهڙو هو سامهون بنگلو ڏسو ٿا نه! توهين ڇيو چـــو؟"

مونکان ڪل نڪري ويئي. چيم، "ڇاڏاءِ چيو؟"

"ڪلڻ جي ڳالهه ناهي،" مزدور جو قد فخر کنان هڪ ٻه اِنچ وڌيڪ اُڀو ٿي ويو، "سائين اڄڪلهه ڪٿي ڪٿي ملاوٽي سيمنٽ ڪم ٿا آڻين. هڪڙي ٺيڪيدار ملاوٽي سيمنٽ ڪم آڻــي ڪر ڪرايو ڪڄو ۽ نڪر پڳائين اسانجي ڪم مٿان. اَصل مزدوري ڪٽي رکيائين. اسين ٻه ڏرنـو ماري ويهي رهياسين... بس آڻ ميڙي پــيــس."

مان اَچا سندس فخر ڪي، جنگ ۾ سوڀ حاصل ڪيل سپاهين جي فخر سان ڀيٽي رهيو هوس، جو هي مزدور ٻ ڪندو اُن هـــار جيان ڦرلدڙ قطار ۾ شامـل ٿي ويو. عجيب آهي هــي قطار. سندس موٽي ٽڙي پکڙي نڪري وڃن ۽ ڪيڏي مهل وري ٻهنجو پاڻ ٻوئجو ٿا وڃن، اِن محنت جي ڏاڳي ۾، ڪوئي اڪيلو ڪونهي، ڪوئي اَجنبي ڪونهي......

۽ مان؟......

# اِنساني جذبو

١٨ جنوري ١٩٥٦ع. اُهو عام هڙتال جو ڏينهن هو. ”دادر“ جي ٻئي نمبر پليٽفارم تي ٽرين جو انتظار پئي ڪيم. ٽرين ڪافي دير لڳائي هئي. وقت ڪاٽڻ لاءِ ”ٽرو رومانس“ (سچو عشق) مخزن پڙهي رهيو هوس. اوچتو، ”آڪاش پاتال هڪ ڪندا سين!“ ”بمبئي مهاراشٽر سان ملائيندا سين!“ جي نعرن، پڙهڻ ۾ رخنو وجهي ڇڏيو. سون ڏٺو ته منهنجي پرسان ئي ٤٥-٥٠ ورهين جو ڪرڙي ڏولي بدن شخص نعرا هڻي رهيو هو. هن جي ڇاتيءَ ۾ هڪ پوسٽر لٽڪيل هو، جنهن ۾ سميڪت مهاراشٽر جي اڳواڻن جي گرفتاريءَ ۽ بمبئيءَ متعلق هند سرڪار جي ڪيل فيصلي خلاف عام هڙتال ڪرڻ لاءِ اپيل هئي. جلد ئي اهو شخص ڊوڙ پائي ٽئين پليٽفارم تي بيٺل لوڪل ٽرين ۾ وڃي چڙهيو. هن جي پٺيان پوليس وارو ڊوڙڻ لڳو. ليڪن هن کي جهلڻ کان اڳي ٽرين هلي وئي. پوليس وارو هٿ مهٽيندو رهجي ويو.

مان ان عمر چڙهي آيل شخص جي بيباڪ شخصيت تي حيرت ۾ اچا سوچي ئي رهيو هوس، ته پٺيان بندوق جو آواز ٻڌم. ڪن پل لاءِ بدحواس ٿي ويس. گولين کان

ڀڄڻ لاءِ ڪنهن ٽنبي پٺيان لڪڻ جي ڪوشش ڪيم. پر جڏهن پليٽفارم تي دولهون ڇانئجڻ لڳو ۽ اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي ويئون، تڏهن سمجهيم ته پوليس ڳوڙها آڻيندڙ گئس ڪم آندي آهي. پوليس جيتوڻيڪ اسٽيشن جي ٻاهران گئس ڪم آندي، ته به ان جو اثر پليٽفارم تي بيٺل ماڻهن تي ٿيو.

نيٺ، ڏهين ٻجي جي ٽرين، ساڍي ڏهين ٻجي آئي. البت هونئن کان پيهه گهٽ هئي. روز واري گساڏي ۾ چڙهيس ته ڪيترائي سڃاتل مهانڊا ڏسڻ ۾ نه آيم. وري به شڪر هو جو ٽي مرهٽا ڪلارڪ ساٿي موجود هئا. اسين دروازي وٽ بيهي ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين. ٽرين هلي ته مون هڪ ساٿيءَ شري ديشپانڊي کي چيڙائڻ جي لحاظ کان مشڪندي چيو، ”بمبئي تمچي ناهي، بمبئي اَمچي آهي!“

هن ڪا به ورندي نه ڏني؛ فقط مشڪي ڏنائين. مان پنهنجي ناڪاميابيءَ تي دل ۾ ڪجڻ لڳس. اڄ ديشپانڊي هونئن کان وڌيڪ سنجيدو پئي لڳو. جيڪو انسان ڪڏهن به ڳالهائڻ جو موقعو هٿان نه وڃائيندو هو، سو اڄ چيڙڻ تي به سن ۾ ڪيئن ٿي رهي سگهيو! هن جي ماٺ مون کي بيچين ڪرڻ لڳي.

مون وري به مذاقي نوع ۾ چيو، ”چاهي ڀائي، دنيا جي ڇونڪاري جو سڄو بار پاڻ تي اڪيلي سر

ڪٽندين ڇا؟ يار، مڪارڙالڊ مان ڪي به اکر نه ٻول!"

هن وري به جواب ڪونه ڏنو. ليڪن مون کي ڄڻ جواب ملي ٿي ويو. اڇانڪ ٻه چار ٻئي زوم سان اچي لڳا. هڪ مٺهنجي ٻانهن تي، ۽ ٻيو ڊيشپانڊي کي لڳو. ٻئي ڪافي وزندار ۽ چهبدار هئڻ ڪري مٺهنجي ٻانهن مان رت وهڻ لڳو.

سڄي گاڏي ۾ رڙوڙ مچي ويئي. "کڙڪيون بند ڪرو... غنڊي پٿر ڦيڪتي هين... يي موالي لوگون ڪا ڪام هئه!" سيٽي پاسن کان دريون بند ٿي ويئون. ٽرين ۾ ڪي منٽ نه موت جهڙو سناٽو ڇانئجي ويو. ان وقت ٽرين دادر ۽ ايلفنسٽن روڊ جي وچ ۾ هلي رهي هئي. ايلفنسٽن اسٽيشن آئي. پليٽفارم تي حشام ماڻهن جا ٻينا هئا، پر ٽرين ۾ ڪو اڪڙ ٻيڪڙ چڙهيو.

"غنڊن" جي پٿر بازيءَ اسان ٻنهي دوستن جي رخن ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. مون جوش مان ڊاشپانڊي جي ٻانهن جهلي چيو، "ڇا، ههڙي غنڊاگيري ڪري توهين بمبئي وٺڻ ٿا چاهيو؟"

هن ايڏو نه زوردار ٽهڪ ڏنو جو اوسي پاسي ويٺل ڪي مسافر ته ڇرڪي ويا. پوءِ پنهنجي ٻانهن زور سان ڇڏائيندي چيائين، "غنڊا ڪير آهن. اهي، جيڪي ناٽي جي زور تي ٻين جو حق ڦٻائڻ ٿا چاهين يا

جيڪي پنهنجي حق لاءِ ٿا لڙن؟"
"ڇڙن سان حق لاءِ لڙبو آهي؟"
"جڏهن اڳوان کي ڇوڙ واڳي ڪيپي ناحق جيل ۾ ذونسيو ٿو وڃي، صلح پسند مظاهرن تي بندشون وڌيون ٿيون وڃن، تڏهن ماڻهو ڇا ڪندا؟ تو خود پڙهيو هو ته ۱۹۴۲ع واري هلچل ۾ انگريز سرڪار جي ڪاروبار ۾ رنڊڪ وجهڻ لاءِ تونهان بسن، ٽرينن وغيره تي پٿر اُڇليا هئا..."

مون هن کي وچ ۾ ڪٽي چيو، "انگريز ڌاريا هئا، هيءَ سرڪار پنهنجي آهي."
"برابر. ليڪن انگريز ظالم هئا، هيءَ سرڪار به ظالم آهي. ظالم کي ڪڏهن به پنهنجو نه سمجهبو آهي."
۽ پوءِ پنهنجي مک ڏيکاريندي چيائين، "ظالم سرڪار فقط اهائي ٻولي سمجهندي آهي."

مون کن رکي چيو، "تون ڪيئن ٿو چوين ته ناٽي جي زور تي اوهان جو حق ڦٻايو ويو آهي؟"
"جڏهن وزير اعظم قبول ڪري ٿو ته بمبئيءَ تي مهاراشٽر جو حق آهي، ته پوءِ اها ڇو لٽي ان سان گڏي وڃي؟ مطلب ڇا آهي ته انين ڪرڻ سان گجراتي سرمايدار جيڪي ڪانگريس کي ۽ سرڪار کي پيسي جي مدد رهيا آهن، تنهن ڪان ناهري واريندا. تون پري نه وڃ، هن ٽرين ۾ ويٺل گجراتين کان

ٻڌيون هيون، تڏهن ديش پانڊي لاءِ چيو، ”سالو ڪو ڪميونسٽ هو!“

جڏهن ٽرين هلي، تڏهن اسان ڏٺو ته پـوليس پٽن تي بيٺل ماڻهن کي جهلي بيٺي هئي، ۽ ديش پانڊي ماڻهن کي هٿ لوڏيندي وداع ڪري رهيو هو.

ڪجهه وقت ته اسان جي وچ ۾ ڪابه ڳالهه ٻولهه ڪانه هلي. منهنجي ڪَنَ ۾ ديش پانـڊي جا پڇاڙيءَ وارا لفظ ٻري رهيا هئا. ”هي مٿ جيترا سرمايدار ٽي آهن، جن پنهنجي نفعي خاطر سنڌي هندن ۽ مسلمانن کي ويڙهايو، ۽ جيڪي اڄ عام گجراتين ۽ مرهٽن کي ويڙهائي رهيا آهن.“

آخر منهنجي ٻئي دوست، شري ٺڪرانيءَ، مـاٺ کي ٽوڙيندي چيو، ”ڪيئن سائين، پٽـن تي وٺل غنڊن ۽ موالين جو درشن ڪيوَ؟“

هن جي ٽوڪ منهنجيءَ دل ۾ تير وانـگر چڀي ويئي. ٽرين جي پٽن تي ويٺل سڀ سفيد پوش هئا، جن مان ڪي ته سونهيا ٻونهيا نوجوان هئا. آءٌ شـرم کان جهڪي پاڻي پاڻي ٿي ويس. ڳالهه کي بدلائيندي چيم: ”دوست، مـان اوهان وانـگر نٿـو ومائيندو (ٽنڪدل، نه آهيان؛ مان ڪاسماپاليٽن (سـرو ديشي) خيالن جو آهيان.“

ايتري ۾ ٽرين ٻيهي ويئي. اڳئين گاڏي ۾ سميڪت

مهاراشٽر جي حمايت ۾ زنجير ڇڪي هئي.

اسان جي ٽنهي دوستن، شري پاٽل، منهنجي خيال جي تائيد ڪئي. ليڪچررن جوش مان منهنجي هٿ مان ”ٽرو رومانس“ آمريڪن مخزن کسي، هڪ ننگي استريءَ جي تصوير ڏانهن اشارو ڪري چيو: ”تنهنجي ڪاسماپاليٽنزم توکي اهائي سکيا ٿي ڏني ته تون پنهنجي ٻولي، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ کي وساري هن ننگي تصوير وانگر ٻالهو ٿي پئو، ۽ هڪ مردو ٻڻجي پئو، جنهن کي ڪو به نالو نيشان نه ٿيندو آهي!“

هن پنهنجي لهجي کي سنجيدو بڻائيندي چيو: ”توکي اسان جي ڪاٽيج ۾ نوڪري ڪندي ٻه - اڍائي سال ٿيا آهن. ان عرصي ۾ مون مشڪل سان تنهنجي هٿ ۾ ڪو سنڌي ڪتاب يا مخزن ڏٺي آهي. ها، تنهنجي هٿ ۾ ’ٽرو رومانس‘، ’گاليا‘، ’ريڊرس ڊائجسٽ‘ وغيره آمريڪي مخزنون ضرور ڏٺيون اٿم. ۽ تون فخر سان چوندو آهين ته توکي سنڌي ڪتاب ۽ مخزنون نه وڻنديون آهن. هن کان وڌيڪ گراوٽ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ پنهنجي ٻوليءَ، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ کي پيار ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت لاءِ لڙڻ، دوست، تنگدلي ناهي، بلڪ اهو انساني جذبو آهي، جنهن کي ڪچلي نٿو سگهجي.

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

معاف ڪجو، مسٽر منسڪاڻي، جنهن وٽ اهو جذبو ناهي، سو... زنده لاش آهي!"

ٽرين مهالڪشميءَ تي پهتي ته ندڪرنيءَ چيو، "مون کي هينئر آفيس وڃڻ تي دل نٿي ٿئي، مان واپس وڃان ٿو." ائين چئي هو لهي ويو. منهنجي ٽئين دوست پاڻ کي خالي جڳهه ملي ويئي ته اُتي وڃي ويٺو.

ٽرين هلڻ لڳي. منهنجي اندر ۾ آنند مانـد هئي. دماغ ۾ جنسي ڀوُنڪمپ مثل هو. ديشپانڊي ۽ ندڪرنيءَ جي ڳالهين ۽ ڪارنامن منهنجي خيالن کي پاڙن کان وٺي ڏوڏي ڇڏيو. هر گهڙيءَ ندڪرنيءَ جا پويان لفظ ياد اچڻ لڳا: "پنهنجي ٻوليءَ، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ کي پيار ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت لاءِ لڙڻ انساني جذبو آهي... جنهن وٽ اهو جذبو ناهي، سو زنده لاش آهي!" منهنجي دل ۾ پنهنجي ٻوليءَ، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ جي محبت جو سمهيل جذبو جاڳي اُٿيو. مون ٽرين جو دروازو کولي ڇڏيو. منهنجون اکيون دوُر دوُر ڪن وڃايل چيزن کي ڳولڻ لڳيون. سنڌڙيءَ جي ڳوٺن کي، شاداب کيتن کي، درياهه شاهه کي، ڏڙن ۽ پٽن کي، اُٺن ۽ جتن کي، جهرڪين ۽ ڪونجن کي، منگهن ۽ ڪڏن کي، ۽ سڀ کان وڌيڪ حيدرآباد کي، اُن جي انهيءَ گهٽيءَ جي اُنهيءَ اباڻي

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

هاشم روئي ڪٽي رچ پريا. ان وقت هاشم ۽ اسان جي ڪٽنب مان اهڙو ڪو به پاڻي نه هو، جنهن هنجون نه هاريون......

ٽرين چرچگيٽ تـــي پهتي. منهنجي ڪلپنا ٽٽي پيئي. واچ ۾ ڏنم ته ٻـــارهن لڳا هئا. سنڌڙيءَ ڪـــي ساريندي، منهنجو هينئون پرجـــي آيو ۽ انـــدر ۾ پيڙا محسوس ڪيم. اڄ اهڙي ٿي پيڙا غصي جي زوپ ۾ مرهٽن جي اکين مان ظاهر ٿي رهي هئي، جـــن ڪان سنڌ ن وطن جو ٽڪر ڪسيو ٿي ويو. مون ائين محسوس ڪيو ته سامهون ڊيشپانڊي ۽ ندڪرڻي مون کي ٻـــاڻ ڏانهن سڏي رهيا آهن. آءٌ سامهون تيار بيٺل ”الڊيريءَ“ جي ٽرين ڏانهن وڃڻ لڳس ته پاٽل چيو، ”اڙي ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

”اڄ آفيس نه هلندس!“ ائين چوندي، آءٌ وڃي ٽرين ۾ ويٺس.

# سفيد چادر، سهمبل سڏ ڪا

بمبئيءَ ۾ مسواڙ ي جاءِ لاءِ ٽائي سان نه ٻه ٽائي سان ملندي آهي. سو مونکي به جڏهن مهمن جا مهنا جتيين گسائڻ بعد ٻيا پگڙ يءَ جڳهه ملڻ لڳي، تڏهن انين پيو سمجهان ته جڻ قارون جو خزانو مليو اٿم، جنهنڪي ڏيه ڪان لڪائي وڃي پنهنجي آشا راڻيءَ کي ڏيکاريان.

هوءَ بدتميز ٻاروهي چــوي، ”دل هجيئي ته جيڪر ڪلياڻ ڪئمپ جهڙ ي ڪنهي نرڳ ۾ نيون نه ڏيارين!“ انڪري بمبئيءَ جـــي وڃهي پسگردائيءَ ۾ ٧٥ رپين مسواڙ تي هڪ روم وارو بلاڪ حاصل ڪري، ڪئن نه خوش ٿيندس!

آچرواري ڏينهن پنهنجي شريمتي کي وٺي اچي نئون گهر وسايم. گهر جــي چيڊ ٺوڪ ۽ ٺاهه ٺوهه مان وانڊي ٿــي، منهنجي شريمتي نئين ٻاڙي جو سڌ سماءُ لهڻ نڪتي. مان اَخبار پڙهڻ لڳس. اڃا اَڌ ڪلاڪ به ڪونه گذريو، جـــو هوءَ سهڪندي سهڪندي موٽي آئي ۽ ڳلي کي هٿ ڏيئي اچي ويهي رهي. اخبار رکي پڇيومانس، ”ڇا ٿيو آهي آشا؟“

هيئنر سندس دڪ، ڪجهه ڪاوڙ ۾ بدلي ويو. ڏندن ۾ گهنج وجهي چيائين، ”جڳهه ٿي ورتو ته ٻاڙي ويڙهي

مان ٻچا ڳاڇا نہ ڪريو ها.“

مون ڏيرج سان چيو، ”هتي جڳهين لاءِ هٿ ڪس لڳي پيئي آهي، سو ٻين کي ڪيئن ٻڌائبو. تون ٻـ چوين نہ ڪنهي نرڳہ مان ڪيو.“

”مان بہ چوان حق ٿي ٻنا ٻڪڙي جڳهہ ملي آهي!“

”پر بہ آهي ڇا؟ ڪجهہ ٻڌائيندين بہ، ڪين ڇوهہ ڇنڊينديءَ رهندينءَ؟“

”ٻڌايان وري ڇـا؟ جڳهہ بہ پوُت واري وني ڏلي اُٿو نہ؟“

مونکان ٽهڪ نڪري ويو. ”سو انهيءَ ڳالهہ تـي مٽي آهين.“ ڪـن وت وات آٽي چيومانس، ”ڇري هيءُ ٽنڊو ٻاگو ناهي، ٻمبئي اٿيئي، ٻمبئي.“

آشا ٻاقي بہ گرم ٿي ويئي -”وهان کي نہ هر ڳالهہ ۾ پيئي مسخري سجهي.“

”تـون ڳالهيون جو شيخ چليءَ واريون ڪندينءَ تہ مسخري نہ ٿيبي؟ ڀلا ههڙي لٽين نڪوري جڳهہ ۾ ڀوت ڪٿان آيو؟“

”چون ٿـا اهو ڀوت هر آرتوار جي رات جو اڇي اڇـي چادر اوڍي، اسانجي دريءَ سامهون ٻـيهي ٿهاريندو آهـي، انجي ڇاڪا گهرجي ڀاتين جي وچر، اٽبطت پـيدا ڪندي آهي. الڪري ٿي اڳيان مسواڙي جڳهہ ڇڏي ويا.“

”اڙي لوڪي پنيلا ٽڻ لاءِ اٿين ڇيو هونداٿون. مرضي هوندن جتن ڪين جڳهه ملي.“

”ڪين جڳهه وڻي هجي ها ته نه وٺي سگهن ها؟ ٽي چار مهنا ته جڳهه خالي پيئي هئي. ٿوري جاءِ ڪان ته وري ٻه ڪئمپ سني. هاڻي اُلاجي ڇا ٿيندو؟“

”ڇا وري ڇا ٿيندو، هاڻي ڪئمپ ۾ ٿورو ٿي موٽي هلبو. سس ٿهر جيڪي اٿي جهامونيون پاٿينديون آهيو، ڪئمپ جي نل تي جيڪا ماراماري ٿيندي آهي، ڪاڪوس لاءِ جيڪا ”ڪيو“ لڳائڻي پوندي آهي - سڀ ڳالهيون وسري ويڻ، ڇا؟ هتي نئين جڳهه ۾ پوت آيو ڪٿان؟ اڃا جڳهه کي ٽهيئي سال ٻه ڪونه ٿيو آهي. ٿوري مهڙ مٿي، ٻيا پگڙيءَ جي جڳهه وري ملندي ته ڇا! ڪجهه ڪونه ٿيندو. ڀپ نه ڪر. پوت هجي ڪٿي پوت جو بابو هجي، اسانجي وچ اٽڪٽ پيدا ڪري نه سگهندو.“

جتن ٽتن ڪري آشا کي پرپائي ننڊ ڪرايم. مان هونءَ ته گهڻو ٿي بهادر آهيان، پر ٿئون پاڙو، نئين جاءِ ۽ ٿنهن سان گڏ آشا جي ڏک ڦر منهنجي دل سسائي ڇڏي. ٻدن ٿڪل هوندي ٻه آڌي رات سوڌو ننڊ نه آئي. اُچانڪ دريءَ وٽ ڪنهنجو پاڇو نظر آيو. منهنجا روم روم ڪرڙا ٿي ويا. پلا هيڏي مهل ڇورن ۽ پوتن کانسواءِ ٻيو ڪير ٿي سگهيو! پاڇو رڙهي دريءَ

هوندي جنهن ڀوتن جي ڪيترين ڳالهين ٻڌيون هيم، پر ڪڏهن به ڀوت ڏٺو هوم. مان سمجهي نه سگهيس ته ڇا هو؟ سچ پچ ڀوت هئي، يا زنده انسان. هو ”ساڳيو“ شخص ڪير آهي؟ منهنجي ڪنن ۾ ڀوت جا لفظ پڙڻ لڳا، ”مان ڇڙو ڀائي ٿي اچان، تلڪ ڏيڻ ٿي اچان.“ ساڳئي وقت پنهنجي شريمتي جا اکر پڻ ياد آيا، ”ڀوت گهر جي پالين جي وچ ۾ اٿبٺت پيدا ڪندو آهي.“ مون جيتروڻي انهن لفظن تي ٿي سوچيو، اوترو ئي راز وڌيڪ ڳوڙهو ٿي لڳم. جڏهن دماغ وڌيڪ سوچڻ کان پري ڪيئي بيٺو، تڏهن ننڊ ڪري ويم.

صبح جو آشا جاڳائيندي چيو، ”اٺن جا پٽ چڙهي ويا آهن، اڃا ڪيڏي مهل اٿندا؟ آفيس ۾ دير ٿي ويندو.“

مون تڪ جو ڀالو ڏيندي چيو، اڄ آفيس نه ويندس.“ سچ ته جيڪو ٻڌ لائڻ جي تڪ ڪان وڌيڪ رات واري ڀوت جو خيال آيو هوم، جنهن کان آشا کي واقف ڪرڻ واجب نه سمجهيم. اوسي پاسي مان اچي جاچ ڪرڻ لاءِ تڪ جو سنئو ڀالو سڄهي آيم. ضروري هاج لاهي پير واري گهر ۾ هليو ويس. پاسي وارو ته ڪو ڇڙو ڇانڊو هو. ڏاڍو آد رياءِ ڪيائين. هنجو نالو اگروال هو. هو اخبار نويس هو. دنيا جي خبرچار ڏيڻ لڳو.

ڪندي ڪندي مان پنهنجي مطلب جي ڳالهه تي آيس. مون چيو، "چون ٿا ته اسانجي جڳهه ۾ ڀوت آهي."

"ڀوت؟ توکي ڪنهن چيو."

"مون خود ڏٺو آهي."

"ڪڏهن؟"

"ڪلهه رات جو."

"سچ؟"

"سچ."

مون هنکي پنهنجي ڳالهه تي وشواس ڏيارڻ لاءِ رات واري گهٽنا جو سربستو احوال ٻڌايو. هو مشڪي اٿي کڙو ٿيو ۽ مونکي پنهنجي پٺيان اچڻ جو اشارو ڪري جڳهه جي ساڄي پاسي هلڻ لڳو. ڪنڊ واري بلاڪ وٽان لنگهڻ مهل هنجا پير ڍرا ٿي ويا، پر هو بيٺو ڪونه. اسين جڏهن اڳيرو نڪري وياسين تڏهن هن پڇيو، ڏٺءِ؟"

"ڇا؟" مان ڪجهه منجهي پيس.

"ڀوت، بيو ڪير." هن مرڪندي وراڻيو.

"هيڏي مهل ڀوت ڪٿان آيو؟"

"مونني هل ته ڏيکاريانءِ ڪنڊ واري گهر ۾ ڇتائي ڏسج."

جڏهن وري اسين اُن گهر وٽان لنگهي وياسين، تڏهن هن پڇيو، "هاڻي ته ڏٺءِ نه؟"

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

”ها! ٻيلي هوءَ لڳي ٿه رات واري عورت ٿي،“ مون چيو.

”هيءَ ٿي ڀوت اٿيئي.“

”ليڪن هيءَ ته جيئرو جاڳندو انسان آهي.“

اگر وال پنهنجي گهر ونئي هليو. هن چيو، ”پاڻ ئي هتي جيئرا انسان ٻه ڀوت ٿيو پون.“

”سو وري ڪيئن؟“

”تون سمجهين ٿو ته هن جي عمر گهٽي هوندي؟“ هن پڇيو.

”۴۰ سال کن ته واه جي ٿيندي.“

”پر اٿيئي ويچاري ۳۰ سالن جي ٻه ڪانه. هنڪي شادي ڪئي ۱۰-۱۲ سال مس ٿيا هوندا. پتيءَ جي جيئري ئي هوءَ وڌوا ٿيجي پيئي آهي. هنجو مڙس ٻيءَ استريءَ سان شادي ڪري ويٺو آهي. اُن ڏينهن کان وٺي هوءَ اوُساڻجي رهي آهي.“

”مگر رات جو اَڇي چادر اوڍي، ڪنهن کي ٿي ڊيڄارڻ نڪري؟“ مون پڇيو.

هن چيو، ”هوءَ ويچاري ڇا ڊيڄاريندي. هوءَ ته خود لوڪ کان ڊڄندي رهي ٿي. تڏهن رات جو ڀوت ٿيجي ڪنهن چيز جي تلاش ۾ نڪري ٿي. رات جو نائيت ڏيوئيءَ تان موٽڻ وقت هن ڀوت جا گهٽيئي رنگ ڏسڻ جو وجهه مليو اٿم. هڪ پيري ڏٺم ته هوءَ سفيد چادر

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

هندستانيءَ ۾ چيو، ”پاڻـــي صاحب، مونکي انهيءَ همدرديءَ جي گهرج ڪانهي. مان پيار جي اڃي آهيان، تون هليو وڃ.“ مان هن وقت وڌيڪ ترسي نه سگهيس، واپس هليو آيس. البت هنجي بيوسي منهنجي دل ۾ چڀي ويئي، جا اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن ڪڏهن بي آرام ڪري ڇڏيندي آهي.

اخبار نويس جي ڪهاڻيءَ مونکي به بي آرام ڪري ڇڏيو. مان موٽي پنهنجي گهر آيس. آشا ڪـــي پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌايم. هــوءَ منهنجو همدرداڻو رخ ڏسي، منهن ۾ سوڙي پائي چوڻ لڳي، ”پراڻي زال لاءِ هڏ تو ڪرڪيو.“

مون هنجي ڳل تي هلڪي ٺونڍ هڻي چيو، ”ڏس وري گاريون ٿي ڏين نه.“

وقت گذرندي ويرم لڳي ٿي. مون وري اهو پوت نه ڏٺو. نڪو ڪو وري عورت ئي ٻاهر ڏسڻ ۾ آئـي. ٻڌندو هوس ته هوءَ سڄو وقت ڇپڻ پنهنجي اندر ئي ويٺي آهي. آهستي آهستي منهنجي دماغ جي پٺيءَ ـــان هنجي يادگيري به ميسارجي ويئي.

اچانڪ هڪ ڏينهن شام جو آفيس مان موٽڻ وقت هنجي گهر وٽ ٻارن جو گـوڙ بيٺل ڏٺم. اڳيان وڌي وڃي ڏٺم ته هوءَ نئين و ٽائيمپيس هٿ ۾ کڻي در وٽ بيٺي هئي. گهر ۾ سڀ ٽپڙ اونڌا ٿيا پيا هئس. هنجي

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ٻدن تي صرف سفيد چادر پيئي هئي، جا ٻه ڪسن هنڌان ڦاٽل هئي. سندس ٻدن آلو هو ۽ وار ڄڀندڙ ڳلا پئي لڳس. ٻار ڇئي رهيا هئا ته سڄو ڏينهن سمان ڪيو اٿس. هوءِ پيڻ پيڻ ڪري رهي هئي. گهڙيال ڪي ٻه ٻڄي رهي هئي. گهڙيال ٻه ڪو اهڙو نامراد هو جو ٻاٽل خراب ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ٻه ٽڪ ٽڪ ڪري رهيو هو. هن مون ڏانهن شڪي نهاريو ۽ ٻڙ ٻڙايو، ”مان ڇڙو پاڻي اڇان.“ ۽ پوءِ وڏو ٽهڪ ڏنائين.

مان اُلي وڏيڪ وقت بيهي نہ سگهيس، ٽڪڙو ٽڪڙو گهر موٽي آيس. پنيان گهڙيال جي ڪرڻ ۽ دروازي بند ٿيڻ جو آواز ٻڌم. ساڳئي وقت ٻارن جو ڄڀڻ ڇئي رهيو هو، ”او ڇري... او ڇري!“

# راجـــا

مان جڏهن پهرئين ڏينهن سرڪاري نوڪريءَ لــِي چڙهيس تڏهن جدهن هڪ ئي شخص ڪيڪاري منهنجي آجيان ڪئي، سو هو اسانجو مرهتو پٽيوالو راجا. راجـــا جي ڪيڪارڻ جو مطلب پوءِ سمجهه ۾ آيو، جڏهن هڪ ڏينهن هو پنهنجي موڪل جي درخواست کڻي آيـــو. ڳالهين ڪندي ڪندي بي تڪلف ٿي ويو، ۽ پڇيائين، ”سنڌي بابو، توهين شادي نه ڪيل هوندا.“

”ها.“

”اولاد به نه هوندو؟“

”ها، هڪ پٽ، چو...؟“

”ائين ئي،“ چئي راجا ٽارڻ جــي ڪوشش ڪئي، پر زور ڪرڻ تي مشڪي وراڻيائين، ”توهانجي جڳهه تي جيڪو ڪلارڪ هو، سو ٽيهن سالن جو هو نه به شادي نه ڪئي هئائين. جڏهن اڳئين دفعي پنهنجي زال جي بيماريءَ ڪري موڪل جي درخواست کڻي ويومانس نه نه ڏنائين و رلايائين. شادي ڪيل هجي هـــا ته ائين نه ڪري ها.“

”سو توکي مون مان به اهوئي ڏپ هو؟“

”ها.“

”دلجاءِ ڪر انهيءَ نه ٿيندو،“ مون ڪلندي خاطري ڏني مانس. ڳالهه جو سلسلو ٻدلائيندي پڇيو مانس، ”توکي گهڻا ٻار آهن؟“

”ٻه.“

”عمر گهڻي اٿيئي؟“

”٢١ ورهيه.“

”ڪافي ننڍي عمر ۾ شادي ڪئي اٿيئي،“ مون عجب مان پڇيو.

”تڏهن ڇا، سنڌي ٻابو، اسين ٻاهو لوڪن وانگر جوانيءَ کي ترقائي ترقائي پوءِ شادي نه ڪندا آهيون...“

راجا ته وڃو هليو، ليڪن هنجي صداقت ۽ معصوميت سان ٿمتار گفتگو مون وٽ رهجي ويئي. جڏهن هنجي موڪل منظور ٿي، تڏهن شڪرادائي ظاهر ڪندي چياءِ، ”توهين ڏاڍا سٺا ماڻهو آهيو. اڳيون ڪلارڪ هجي ها ته موڪل نامنظور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ها.“

”ڇو؟“ مون حيرت وچان سوال ڪيو.

”هڪ ڀيري مون، هنجو ۽ ٻئي ڪلارڪ جو شخصي ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيومان ته مان توهانجو نه، پر سرڪار جو نوڪر آهيان. توهين به مون وانگر اُنجا نوڪر آهيو. بس پوءِ ته آکي جهلي ٻانهي وٽي واري ڪار ڪئي اٿن.“

”پر تون نه نيڪ چين. هو ۽ تون وانگر پگهاردار نوڪر آهن. نوڪر مڙيئي نوڪر.“

راڄا ٺهڪ ڏيندي چيو، ”واهه، نوڪر مڙيئي نوڪر.“ آئيٽي يڪدم گنڀير ٿي چيائين، ”سنڌي بابو، ڏسجو ڪٿي توهان تي به نه هن جو رنگ لڳي وڃي. جنهن پيوري ڪيٽي جي چوڌاري ڦري ڦري اُن کي نيٺ پيوري ٻٽائي ڇڏيندي آهي، ليئن هي سرڪاري بي جان ڪاڳر ۽ انسان کي فائيلن جي چڪر ۾ گهيڙي گهيڙي آخر بي احساس ڪري ڇڏيندو آهي. سنڌي بابو، توهين نه بدلجو.“

”دل دکيءَ ۾ رک، تنهنجو سنڌي بابو نه بدلبو.“

راڄا تي ”راڄا“ نالو ڪيئن پيو سا خبر نه اٿم. ليڪن هو سچ پچ بي پرواهه بادشاهه - جرئت ڀريو ٽيوالو هو. تيز فهم ۽ هڪڙوئي هو. نه صرف ڪنهن جي حضوري نه ڪندو هو، پر ڪڙي ۾ ڪڙي صاف گوئي ڪرڻ کان به نه هٻڪندو هو. انڪري سيٺي جي اک ۾ ٿي پيو هو. آفيسرن هن مان ٻاهر وٽي طرح هڪ لـ ٻـي وڏ ڪڍي ڪيس پڪو نه ڪيو هو. ان هوندي به هو صاف گوئي جي عادت کان باز نه آيو هو.

منهنجي نوڪريءَ جو هڪ سال سک سان پورو ٿيو. ان عرصي اندر منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي پردا

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

لتا ۽ چڙهيا. اَسين ٽن مان چار ٿياسين. چولدا آهن تہ هرڪو ٻار ٻاڻ سان پنهنجو نصيب ڪٽي ايندو آهي. ٻر اسانوت هو نصيب تہ نہ ڪٽي آيو اُلٽو چانٽيءَ (تخفيف) جي مصيبت ڪٽي آيو. چوگرد سرڪار آفيسن ۾ تخفيف ڪري پنهنجي ڪنلائپ کي ڇنيون لڳائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. وڏيون آفيسرن کي گهرائي ملازمن کي ڏيڍ ڏيڍ سان وهاري وڏيڪ ڪم وٺڻ لاءِ دٻائڻ لڳا ۽ آفيسر وري ملازمن کي تخفيف جو ڊپ ڏيئي وڌيڪ ڪم وٺڻ لڳا، جهونا جهونا ڪلارڪ ٻہ آفيسرن کان ڪرڙي وانگر ڏڪڻ لڳا. مان تہ نئون ڪلارڪ هوس. بي-اي پاس ڪرڻ بعد ٻہ اڍائي ڪيترو ڀٽڪڻ بعد اها ڪلارڪي مليم. سو تخفيف جي لٽڪندڙ تلوار منهنجي ڪلا ڪايا ٿي ڪيدي چڙي. آفيسرن جي مسڪا پاليسي شروع ڪيم. ڏينهن رات پاڻ کي نوڪريءَ تي سلامت رکڻ لاءِ گهاٽ گهڙڻ لڳس. جنهن وقت پنهنجي لنيڙي اَبهم جا چپ ڪير جون ٻولدون ڇٽيندا ياد ايندا هئم، تڏهن جڻ ساري بدن ۾ نئون جوش پيدا ٿي ويندو هوم ۽ دير دير سان آفيس ۾ ويهي ڪم ڪندو هوس.

هڪ ڏينهن راجا موڪل جي درخواست هٿ ۾ ڪٽي اچي چيو، "دوست هيءَ موڪل تہ منظور ڪج." مون ذرا ڪڙڪ آواز ۾ دهرايو، "منظور ڪج!"

راجا مشڪي چيو، ”منظور ڪجو.“

مون ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنو، ”منهنجي هٿ ۾ ناهي. آفيسر جي هٿ ۾ آهي.“

”اڳي ۾ ته آفيسر جي ئي هٿ ۾ هو. مهرباني ڪري ڪجو، پٽ بيمار آهي.“

راجا جي پوئين جملي ۾ پيڙا لڪل هئي، دل ۾ تير وانگر چڀي ويئي. ڪنڌ مٿي ڪري، رڙ ڪري چيو مانس، ”پٽ بيمار اٿيئي ته اسين ڇا ڪريون. وڃ... وڃ.“

راجا ويو ته ڪو نه، پر گهيبر تي منهنجي منهن ۾ نهارڻ لڳو. مان منهن هيٺ ڪري ڪم ۾ جنبي ويس. هن جي ويندي اهو ٻڌم، ”بس سنڌي بابو توهان تي به بين جو رنگ چڙهي ويو. چڱو اچ ڪان وٺي اسانجي دوستي ڪاٽا.“

مون خاص مان راجا جي درخواست تي اهڙو نوٽ هنيو جو هنجي موڪل منظور نه ٿي. راجا لاءِ جڻ موڪل منظور نا منظور ساڳي ڳالهه هئي. هو ماٺ ڪري گوٺ هليو ويو. اسان نوڪريءَ تي چڙهڻ لاءِ لکيس ته جواب موڪلياءِ ته جڏهن پٽ چاڪ ٿيندو تڏهن ايندس.

جڏهن نوڪريءَ تي چڙهيو تڏهن وارننگ مليس ته وري جي موڪل تي ويندي ته انتظامي قدم کنيو ويندو. ليڪن بيپرواهه راجا تي جڻ اثر ٿي نه ٿيو.

آخر مون کي منهنجي جي حضوريءَ جو اُجورو
ملي ٿي ويو. مونکان هيٺ ٻن، ڪرستان ۽ مسلمان
ڪلارڪن جي حق کي ماري مونکي پڪو ڪيو ويو.
ساڳئي وقت ٻيءَ برانچ ۾ بدلي ڪيو ويس. راڄا سان
جڙ هاڻي ڪنهن به بهاني مڪاميلو نه ٿيندو هو. آخر
ضرورت به ڪهڙي هئي؟ جيئن ميز تي فائيل ايندا
آهن ۽ ٿوري وقت بعد هليا ويندا آهن، تئين انسان به
اکين آڏو آيا ۽ ويا ته انهن لاءِ ياد ڇاجي! ڪم وري
اهترو هو جو مٿي کڻڻ جي به فرصت ڪانه هئي.
ليڪن هڪ ڏينهن اوچتو "مسٽر نانڪاڻي سلام" پڌي
جو لفظ مٿي کنيم ته سامهون ساڳيو خوددار راڄا بيٺل
ڏٺم. "سنڌي بابو، اسانجي موڪلائي آهي،" هن چيو.
مون ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيندي پڇيو، "موڪلائي!
يعني؟"

"يعني ته توهانجي عنايت سان اسانکي ٽڪيٽ
وٺائي ويئي آهي."

"منهنجي عنايت! سو ڪيئن؟"

"توهانکي ياد آهي ته بنا منظوريءَ جي موڪل
تي رهڻ ڪري توهان هڪ دفعي منهنجي خلاف آفيسر
ڏانهن نوٽ لکي موڪليو هو، جنهنڪري مونکي
وارننگ مليو هو ۽ اڄ ٻن سالن ۾ ٻه دفعا بنا منظوريءَ جي
موڪل تي رهڻ ڪري، انڪوائريءَ بعد ڊسچارج

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ڪيو ويو آهيان.

"پر ڀلا توهان انهن جو ڪيو؟"

"ڀلا انهن نه ڪرڻ ها ته ڇا ڪرڻ ها؟ توهان کي ته خبر آهي ته اسان جهڙن شخص کي ڪيئن نه موڪل لاءِ رلايو ويندو آهي. هڪ ڀيري زال جي بيماريءَ ڪري موڪل لاءِ لکيم ته ڪجهه وقت نه جواب ئي ڪو نه ڏنائون. ٻئي دفعي پٽ جي بيماريءَ لاءِ موڪل جي درخواست وڌم ته اها يڪدم نامنظور ڪيائون. هاڻي توهين ئي ٻڌايو ته مان پنهنجي بيمار زال يا ٻارن کي اڪيلو ڪيئن ٿو ڳوٺ ۾ ڇڏي سگهان. هنن جي بيماريءَ وارو عرصو آفيس ۾ وڃڻ ئي ڇڏڻو ئي پوندو آهي..."

منهنجي دل مان سيسرات نڪري ويو ۽ ماضيءَ کان چند تصويرون اکين سامهون ڦرڻ لڳيون. اُن وقت سياري جا ڏينهن هئا. منهنجي پتني پنهنجي بيمار لخت جگر کي ٻانهن ۾ جڪڙي دروازي لڳي، هرروز شام جو منهنجي اچڻ جو انتظار ڪندي هئي. ۽ جڏهن مان هرروز آفيس مان دير سان موٽندو هوس ته هوءَ چوندي هئي، "هن اَبهم جي واسطي ته آفيس مان سوير موٽيو." ليڪن مان مجبور ٿي چوندو هوس، "هن بيروزگاري ۽ ڇانٽي جي زماني ۾ آفيس ۾ دير دير سان ويهي ڪم پورو ڪرڻو ٿو پوي..." هوءَ خاموش ٿي

ويندي هئي. آخر هڪ ڏينهن اهو به آيو جڏهن هوءَ نديءَ معصوم کي ٻين جان فائيلن جي ڍڳ وانگر ڪٺي گونگا لڙڪ وهائي منهنجي راهه ڏسي رهي هئي......

مان اُلاجي ڪيترو وقت پنهنجي تصور ۾ محو رهان ها جو راجا خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو، ”سنڌي ٻابو، جن ٻارن ٻچن جو پيٽ پالڻ لاءِ ڪمائجي ٿو سي جيڪڏهن پوري پرداخت نه هئڻ ڪري ختم ٿي وڃن ته انهن لاءِ پگهر وهائڻ کي ڪهڙي معنيٰ آهي.“

”ٿو ڪي خبر ناهي ته هو گجراتي ڪلارڪ ’پٽيل‘ ڇا چوندو آهي؟ اڄڪلهه زال ۽ ٻار ملڻ سولا آهن پر ’نوڪري راڻي‘ ملڻ مشڪل آهي.“

راجا بيپرواهه کلي ويٺو، ”اهي خيال توهين ٻابو لوڪ ڪندا آهيو. ٻارڻ لاءِ ته چار ڏوڪڙ، جهڙا نوڪري مان ڪمائڻا تهڙا هٿ جي هنر يا مزوريءَ مان ڪمائڻا...“

”هٿ جو هنر؟ يعني تون هن نوڪريءَ کان اڳ ڪو ڌنڌو به ڪندو هئين؟“

”ڌنڌو ئي سمجهو. ڪونين ڪارخانن وارو ڌنڌو نه پر هٿراد شراب ٺاهڻ جو ڌنڌو...“

مون ڪجهه جهجهڪ محسوس ڪئي. انهن لڳم جڻ راجا جي گنڀير ڪاري ڇهري پٺيان ڪو ڳڙلگ لڪو ويٺو هو، جنهنجي سڄي سرير مان شراب جي ٻدٻوءِ ايندي هجي. راجا شايد منهنجي جهجهڪ کي ڀانپي

وريو. ڪنڌ هيٺ ڪري چيائين "...ليڪن مون لئي چاهيو ته منهنجن معصوم گلڙن جي جيون ۾ ڪو هن ڏنڌي جي بدبوءِ سراڪا پائي ۽ هنن جي زندگي ڪال ڪوٺڙين ۾ پلجي. انڪري ئي نوڪري ڇڪيم. پر هيءَ بي جان سرڪار اهو ڪٿي ٿي سمجهي سگهي..."

راجا هٿ جي ترِيءَ سان اکين جون ڪنڊون اگهي، جڏهن مٿي نهاريو تڏهن مون محسوس ڪيو ته منهنجي سامهون "گڙنگه راجا" بدران "نيڪ راجا" ڪڙو هو.

—o&o—

# پڀريءَ جو ٽوشو

مولڪي ٻڪ لڳندي آهي ته اصل ٻيهڻ نه ڏيندي آهي. شام جو آفيس مان موٽڻ بعد ڪڏهڻ ته شريمتي صاحبا جا هي اُملاڪ وچن ٻڌڻا پوندا اٿم، ”جنسي گهوڙي تي چڙهي ٽا اچو. ٻڪ ٿي ڪين ڇڏي ٿي. ڇو نه اڱڻان در جي ٻاهران ئي ٽالهي ٻاٽي رکاڻو. آفيس ۾ الاجي ڪيئن ڪندا هوندا؟“

سڄي ٻيچ آفيس ۾ منجهند جي مانيءَ لاءِ ٻاٽيهي ٻوٽو ٻارٽو ٻولدو اٿم. اُتي شريمتيءَ والگر ڪير وينو آهي جو ٽريءَ تي ٻهشت ڪٽي ڏيندم. ڪنهن نه ڪنهن هوٽل ۾ وڃي پيٽ جي آگ ٻجهائي ايندو آهيان. ڏيڍ لڳڻ تي هوندو آهي ته اکيون وڃي گهڙيال ۾ اٽڪنديون آهن. جئن جئن روٽيءَ جو وقت ويجهو پوندو ويندو آهي، تئن تئن ڪم تان دل لهي ويندي آهي ۽ پيٽ ۾ ولوڙا پوڻ شروع ٿيندا آهن. وري جيڪڏهن عين موقي تي آفيسر گهرائي مانيءَ جو ٽائيم ٽاري ڇڏيو ته دل ٿي دل ۾ ڪيس حرف پٽيندو آهيانس.

تنهن ڏينهن فورت جي هڪ هوٽل ۾ منجهند جي ماني ۾ پئي ڪاڏم ۽ اخبار پئي پڙهيم. اخبار ۾ هڪ خاص خبر آئي هئي ته رشيا ۾ ڪم جا ڪلاڪ گهٽايا

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

ويا آهن ۽ ننڍي پڳهار وارن جون پينشنون وڌايون ويئون آهن. مان اُنکي ڏاڍي ڌيان سان پڙهي رهيو هوس. ڀلا ڌيان سان ڪيئن نه پڙهان؟ جنهن خانگي آفيس ۾ نوڪري اٿم اُتي پينشن جو ته نالو به ناهي، پارٽ ڪم جا ڪلاڪ وڌائڻ جي مار اٿن. سوچيم پئي ته هتي به، روس وانگر هر ڪنهن کي روزگار ۽ پينشن ملي ته هوند ڪهڙو نه سٺو ٿئي.

اخبار پڙهندي ۽ روٽي کائيندي هڪ ئي وقت ٻه ڪارج ڪندي خوشيءَ ۾ ڦوليو نه سمائبو آهيان. ليڪن اُن ڏينهن اها خوشي مهانگي پيئي. اڃا هڪ ٻوري مس کاڌي هئم ته اوچتو جهٽڪو آيو ۽ اخبار وچ ۾ پري پيئي. ڇا ڏسان ته سامهون هڪ ڪراڙو ڏوڙي بد شخص بيٺو، منهنجي پليٽ مان هڪ هٿ سان ٻوريون ته ٻئي هٿ سان پڪوڙا کڻي. جهٽ هٿي کڻي ڪرائيءَ کان جهليو مانس، ڪرائي نه هئي پر جنسي لوه جي شيخ هئي، جنهن کي زور سان جهليندي، خود منهنجو نرم هٿ سور ۾ ڪڙهڻ لڳو.

فورٽ ايراضي، جنهنکي سچ پچ هڪ مضبوط ڪوٽ سمجهيو ويندو آهي، اُتي ڏينهن ڏٺي جو ديناداستي ڪوئي هوٽل ۾ گهڙي اچي روٽي کسي، تنهن مولکي هڪو پڪو ٻڌائي ڇڏيو.

اُن اجنبي شخص ڪرائي پڪڙيل هوندي به پڪوڙا

مولڪي هنجي ڳالهه نہ آئڙي.

ويتر جا اکر ٻڌندي اجنبي شخص جي شڪل ڳاڙهي ٿــي ويئي. اکين مـــان ٻيڪي آڌامي ويس، لڙڪ سڪي ويس. ٻڌ ن ڌڪڻ لڳس. ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي چياتين، ”بابوجي، ڇا توهين بہ ائين ٿا سمجهو؟“

مان اچرج ۾ هنجي بدليل روپ کي ڏسندو رهيس. وري چيائين، ”بــابو صاحب، سڄي عمر مزوري ڪئي اٿم. گهر ٻار کي ڇڏي هتي نوڪريءَ جي تلاش ۾ آيو آهيان، پنڌ ڪوہ آيو آهيان! خالدنيش جـي کيت کيت ۾ مون هر کيڙيو آهي. هيءَ روٽـي مهنجي پيدا ڪيل آهي. اڄ اُن روٽيءَ تي مهنجو ڪو حق ڪونهي! پنجن ڇهن ڏينهن کان بيمار هوس. سڄي حياتي رت ست ڏنم، پر اسان غريبن لاءِ پيريءَ جو توشو ڪٿان اچي؟ هاڻي سگهہ نہ رهي اٿم تہ ڇا پنيي کان؟ هاءِ پڍي روٽي کان! نہ ... نہ مـان پينو ناهيان... پينو ناهيان!!“ ائين چئي هو ٻو ريون ۽ پڪوڙا ميز تي اُڇلي رمندو رهيو.

مان ڪجهہ دير تائين سن ۾ ويٺو رهيس. ماني کائڻ تي دل ئي نہ ٿي. بکہ ئي مري ويئي. هوٽل واري کي بل ڏيئي آفيس ڏانهن هليس، پر پير ڇو ٿا چـــرن؟ هو پنجن ڏينهن کان بکيو هو ۽ مون ڪيس هڪ ڏينهن لاءِ پيٽ ڀري نہ کارايو! وکہ وکہ کڻندي مون ائين پئي محسوس ڪيو تہ ڪوئي پنيان سڏي رهيو آهـــي -

”پنجن ڏينهن کان بکيو آهيان.... لنهنجي پيءُ جيڏو آهيان. بک پر پاڻ ڏو ڏيان.“

مان اڳتي وڌي نه سگهيس. پنيان موٽي ان گهٽيءَ ڏانهن رخ رکيم، جيڏانهن اهو پيرو ويو هو. اتي نه هو هو ئي ڪونه. هنکي ڳولڻ لاءِ دل بيچين ٿيڻ لڳي. پاسي واري بيءَ گهٽيءَ ۾ ويس. هو اتي به ڏسڻ ۾ نه آيو. ٽيئن گهٽيءَ ۾ پرڀان ميڙاڪو ڏسي اڳتي وڌيس. ڇا ڏسان ته گوڙ جي وچ ۾ هو سڙمان جو سوامي ۽ محنت جو مجسمو ڪريو پيو هو! مٽي مان رت پئي وهيس اکيون پوريل هئس ۽ هوش غائب. تمام آهستي آهستي ساهه پئي کنيائين. اف! جڏهن کوهه پياسي وٽ آيو، تڏهن پياس هن جي ساهه کي ذري گهٽ سڪائي چڪي هئي.

هنجي مٽي کان وڏو بارڊانو پيو هو ۽ جنهنجو اهو بارڊانو ٿي ڏنو سو ڇٽي رهيو هو، ”سالي کي سگهه ليي ڪانه، هليو آهي مزوري ڪرڻ......“

مونکي ان پيري جا لفظ ياد آيا، ”اسان غريبن لاءِ پيريءَ جو توشو ڪٿان اچي؟ هاڻي سگهه نه اٿم ته ڇا پني کان...... مان پينو ناهيان......“ ۽ منهنجي وات مان ازخود نڪري ويو، ”سيٺ صاحب پلا هن عمر ۾ هن کي ڪهڙي سگهه هوندي. مزوري نه ڪري ته ڪٿان کائي؟ پينشن ڏوروٽي ٿي مليس؟“

”اسين ڇا ڪريون؟ وس. وڃي ٻئي ڪائي. لٽو ئي لارڊ آهي جو پينشن ملندس.“

”واهه سيٺ صاحب واهه! ادوني آهي توهان جي سماج جو قانون! انسان سڄي عمر سماج لاءِ وهي ۽ پيريءَ ۾ ٻئي ڪائي.“

منهنجي جواب جي ٻن ٽن جملن تائيد ڪئي، جنهن سيٺ کي پوءِ ٻوڻ ڪري اڇي وڙو هو ڪڪو وکو ٽي ويو. پنهنجي ڪل ٻچائڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن، ٻئي ڪنهن ڪُوليءَ کي سڏ ڪرڻ لڳو. ڪو ڪولي ته ڪونه آيو، پر هنجي ڪل ٻچائڻ لاءِ سنڌس رکيڪ- پوليس وارو اچي پهتو. هن ڏاڍو لوڏيندي فرمايو، ”هلو هلو، ڇاجو گوڙ لڳايو اٿو.“ ماٺ ٿي پڪڙي ويا.

آفيس ۾ پهتس ته ڪم ڪرڻ لي دل ئي نه پيئي ٿئي. پيٽ ۾ ٻه ٻڪ ڪانه هئي. الائي ڇو من ٻئي مڇهيو. ائين پئي محسوس ڪيم ته هو سڙمان جو مالڪ سامهون اچي بيٺو آهي، جو پيو چوي، ”اسان غريبن لاءِ پيريءَ جو توشو ڪٿان اچي؟ -هاڻي سگهه نه اٿم ته ڇا ٻئي ڪان...؟“ گهڙيءَ هو سيٺ پيو ڏسان جو پيو چوي، ”سالي کي سگهه ليئي ڪانه، هليو آهي مزوري ڪرڻ... اسين ڇا ڪريون، وڃي ٻئي ڪائي.“ ۽ ڪڏهن هوءَ اخبار اکين سامهون پئي ڦري، جنهن ۾ لکيل هو ته رشيا ۾ ڪم جا ڪلاڪ گهٽايا ويا آهن ۽ پينشنون

وڏاڙون ويٺون آهن.

۽ اڄ ڪلهہ مان انهن ڳالهين بابت ايترو نہ سوچيندو آهيان جو جڏهن شام جو گهر موٽندو آهيان تہ ڪڏهن ڪڏهن شريمتي چوندي آهي "هاڻي لوهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ يا تہ گهوڙي تي چڙهي ايندا هئا يا تہ روٽي پيٽي ٿري تہ بہ الاجي ڪهڙي سوچ ۾ وينا آهيو!

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# قافلو وڌندو رهيو

هي ڇا ٿي ويو؟... او ڇنو ٿي او ڇنو گيت ڇو گهٽجي ويا؟... ڇنب ڇو بند ٿي ويٺي؟... سامهون منڊپ اَڄ ڇو سُڃو پيو آهي؟...هي سڀ ماڻهو ماٺ ڇو ٿي ويا آهن؟... زندگي ڇو بيهي ويٺي آهي؟...ڪي پل لاءِ انهن سوالن منهنجي من ۾ ڄڻ ڀوڪمپ مچائي ڇڏيو.

اُف! مان ڪهڙن نه سندر سپنن ۾ لين هوس،... ڪهڙي، نه رنگين ڪلپنا ۾ محو هوس. منهنجي ڪلپنا شاديءَ جي چوگرد چڪر ڪاٽي رهي هئي. هيءَ شاديءَ جو ناتو به ڪهڙو نه عجيب آهي، جيڪو ٻن اَجنبين کي ملائي هڪ ڪيو ڇڏي ۽ هنجي گود کي هريو ڀريو ڪري، انساني زندگيءَ جي چمن کي سدائين لاءِ سر سبز رکندو اچي.

سوچيم پئي ته اڄ وِمل، جيون ساٿيءَ کي پائي ڪيڏو نه خوش ٿيندي، هن کي پائڻ لاءِ ڪيڏو نه بيقرار هوندي، ليڪن هي ڇا ٿيو؟...هيءَ پڻ پڻ ڇاجي آهي؟ ...هي ڇا ٿا چون؟...

”وِمل شاديءَ کان انڪار ڪيو آهي!“

”ڇو؟؟“

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

”ڇوڪرو ريڊيوگرام ٺو گهري.“
”مانت ڇو نه ٿا ڪٽي ڏيس؟“
”پيلي هي نه لسورو ظلم ڇمبو. نه پول نه ڇول ڪٽي ڏيس.“

”ڇورن جو ته اصل مگج (مغز) ئي ڦري ويو آهي.“
”ها، مٿن جي ڏگهري لهي ويئي آهي.“
”انت ڪي اپياڳت ڏوريئي آهي، ڪٽي ڏيس. ويچاري نياڻي وچي شيهن ڪلهي چڙهندي.“
”مانت جي اپياڳت ڪولهن ته شاهوڪار به ڪونهن. ۽ ڪٽي ڏيس به ڪٽي، پر ڇوڪري جا نمو اڪسر واري ويئي آهي.“
”ها، ڇو يئي شادي ڪا واپار آهي ڇا؟“
”ماني، ڇوڪري به ڪا ذات آهي. اهڙيءَ سان پلا پيو ڪير پلئه اڱڪائيندو.“
”ٻڌهن هاڻي پلا ڇا ڪندا؟“
”آهڙن گهرن کي نه گهر واپس اماڻجي.“
”ستنام سري واهگرو، مائي ڪلجگ آهي ڪلجگ!“
”نه رڳو گهر واپس اماڻجين، پر اصل ڪنوارو پتر ڪري وهارجين!“
”ستنام، نيل ٿئو پري، ٻاڻي ٿو پري ٻاڻي.“
ماڻهو پنهنجي من ماني ٽيڪاٽپڻي ڪري رهيا هئا. ڪين وقت ڪانڊ لاءِ چڙ قوت ملي ويو هو. ومل ئي

ڇا وهي گذري هئي، تنهنجي خير ڪنهن کي چنتا
هئي. ڇا اڄ وِمل جي شادي نہ ٿيندي؟ هنجو ڪهڙو
حال هوندو؟ ڇا سچ پچ هن شاديءَ کان انڪار ڪيو
آهي. هن ائين ڪندي ڪيڏي نہ پيڙا سٺي هوندي.
مٿن مائٽن ساهيڙين سڀني جا ڇا تہ مهڻا سٺا هوندا.
اُنهنجو تصور ڪندي ئي منهنجو من منجهڻ لڳو.
هيلتائين ريگو فلمن ۾ اهڙو چٽر ڏٺو هوم، پر اڄ اهو
پنهنجين اکين سامهون بمبئي شهر ۾ ڏسي رهيو هوس.

منهنجي سامهون ٽي چار ڏينهن اڳ جو آفيس جو
نظارو ترڻ لڳو ...... وِمل آفيس جي هڪ ساٿيءَ
کي پنهنجي شاديءَ جو نينڍ پتر ڏيندي ٽرندي ئي
هلي، اَپار آنند جي ساگر ۾ ترڳندي ئي ويئي.

ڪنهن ساهيڙيءَ مسخريءَ ۾ چيس، ”سو نيٺ
تنهنجو موڪيہ ٿيو؟“

ٻي ڌڙڪ جواب ڏنائينس، ”مان نہ اڳير ڪنهنجي
غلام هئس ۽ نہ وري هينئر ئي ڪنهن جي غلام
ٿيندس.“

ساهيڙيءَ چيس، ”ائين ريگو چئبو آهي...“

مون هنکي وچ ۾ ئي ڪٽي چيو هو، ”هنجي تہ
پيار جي شادي آهي نہ؟“

ان تي وِمل چيو هو، اها پيار جي شادي تہ
ناهي، اَلبت پسنديءَ جي شادي چئي سگهجي ٿو، پوءِ

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

اَڇبو نہ؟"

مون چيو، "ضرور ضرور، اُن خوشنصيب انسان جو درشن ڪرڻ نہ اڇبو ٿي پر سوڪڙي بہ نہ ڏيٺي آهي."

هن پڇيو، "ڪهڙي سوڪڙي تو ڏٺي؟"

"مئڪسم گورڪي جو ناول 'اَمڙ'."

"واہ، مون پاڻ اهو ناول پڙهڻ چاهيو ٿي."

۽ هينئر "اَمڙ" ناول منهنجن هٿن ۾ پيو هو. مان سوچڻ لڳس- ڇا هي ناول مونکي واپس ڪٽي وڃڻو پوندو؟ ڇا هي سڀ ماڻهو هليا ويندا ۽ ومل...... هوءَ بہ اڪيلي اڪيلي واپس هلي ويندي. منهنجي دل چيخڻ لڳي هي ڪهڙو "شائلاڪ" آهي، جيڪو انساني ماس طلبي رهيو آهي؟...هي ڪهڙو منحوس مرد آهي جيڪو عورت ذات جو اَپمان ڪري رهيو آهي- عورت جيڪا هنجي جيجل آهي، ڀيڻ آهي ۽ آهي جيون سائڻ! مونکي پنهنجي مرد هئڻ تي شرم اچڻ لڳو......

آہ... هوءَ اچي رهي هئي. سندس پرسان ڪيس ڪير روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو. پر هوءَ هلندي آئي، آهستي آهستي، سانت- ساگر جي لهرن وانگر. هوءَ وڃڏيءَ وارن وڃن ۾ اچي منڊپ ۾ ويٺي. سندس شڪل پروفيل هئي ۽ اکيون آب اوڻ لاءِ آليون هيون.

سيني جون اکيون وڃي هن ۾ کتيون. دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي ته هاڻي ڇا ٿيندو؟ هوءَ ڇا ڪندي؟ ڇا گهوٽ کي ريڊيو گرام مليو آهي؟

هوءَ آئي مشڪرافون اڳيان آئي. ڪن خاموش رهي. بجليءَ جي روشنيءَ ۾ سندس موچاري مهانڊي مان نوراني مٺيا پٽي پکي. سندس اکين مان ڪنهن اٽل ارادي جي جهلڪ صاف پئي اُلهڪي - ارادو جيڪو ڪافي پوئتا پوڻ بعد ڪيل ٿي ڏٺو.

هري هري هنجا چپ چريا. سندس لفظن ۾ لرزش هئي ۽ آواز ۾ اُلاهه ويدنا. چيائين، ”مونکي ڏک آهي جو توهان کي انتظار ڪڏهو پيو آهي. مون ان شخص سان شاديءَ ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، جنهن کي پتنيءَ کان وڌيڪ ريڊيو گرام پيارو آهي. اسانجي پاڙ ۾ ڏيتي ليتيءَ جي ڪاهه بول نه ٿيل هئي، ليڪن هن اسانجي مجبوريءَ جو فائدو وٺڻ لي چاهيو، جيڪو ڪوبه غيرتمند شخص برداشت ڪري نه سگهندو. مان هٿ پنکت ۾ ويٺل ڪنهن به پاڙ جيڏي سان هينئر شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، بشرطيڪ هو ڏيتي ليتيءَ جو ڪوبه شرط نه وجهندو. جيڪڏهن هن پريءَ سڀا ۾ ڪوبه اهڙو ويرپرش نه هوندو ته مان سدائين لاءِ ڪنواري رهنديس.“

مون انهن محسوس ڪيو گويا گورڪي جي ناول جي

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

لاڳاڪا "اُمر" ساڪيات اچي بيٺي آهي، جيڪا انسانيت کي للڪاري رهي آهي.

سڀ دنگ رهجي ويا. هر ڪو هڪٻئي جو بوت تڪڻ لڳو. ڪن خاموشيءَ بعد پڙ پڙ شروع ٿي ويئي.

"پڙي غجب (غضب) ٿي ويو!"

"نه شرم نه حياءُ..."

"ڇورين کي نه شرم حياءُ ٿي ڪونهي."

"هِهڙي به ڪا شادي ٿيندي آهي؟"

"ڪير به هاڻي شادي ڪين ڪندس..."

"آفرين اٿس..."

"ڇوري کي ڇگي نوڪر هميائين."

"هاڻي شل ڪو پيو شاديءَ لاءِ تيار ٿيس."

ڪجهه وقت لاءِ موت جهڙو سناٽو ڇانئجي ويو. سڀ انتظار وچان بت بڻجي ويٺا. رڳو وقت ٿي هو جو دستور موجب هلي رهيو هو... ٻاهرين طرح ته، سانت هئي، پر اندروني طرح نه ٿي سگهيون - انسانيت شيطانيت جي وچ ۾ ڪشمڪش هلي رهي هئي. ڪنهنجي جيت ٿيندي، ڪير ڇٽي لٽي سگهيو.

پنج منٽ گذريا...ڏهه منٽ گذريا...پندرهن منٽ گذريا...هي ڇا ڪير لٽو اڪيتي وڏي...ڇا اهين شيطانيت انسانيت کي شه ڏيئي ويندي ۽ قصو اهين ختم ٿي ويندو! ساري مرد ذات ڇا هڪ عورت جي للڪار کي چپ چاپ ۾ ٻڏي ويندي! ۽ هوڏانهن ٻنهين جي

# واڪ آئوٽ

شري ڪيسواڻيءَ جڏهن ٻاڪ ماري هجا ڪئي، لنڊن ته آفيس ۾ پهچڻ مهل ساڍا ڏهه لڳي پنج منٽ ٿي ويا هئا. چرچگيٽ کان سيڪريٽريٽ تائين اُساهي پنڌ ڪيو هئائين ته به هونءَ کان ڏهه ٻارهن منٽ دير ٿي ويس. لفٽ لاءِ ترسڻ کان سواءِ ڏاڪڻ تان ٻرانگهون ڀريندو وڃي، پنهنجي روم وٽ پهتو. پر سندس اُتان ساٿين جي لهار ٻت ٻٽائي ڇڏيس.

هڪڙي سنڌي ساٿيءَ ساٿ کي ٿورڙيندي/انگريزيءَ ۾ چيس، ”مسٽر هيترا ڏينهن موڪل ڪاٽي آيو آهين ته به دير سان... هاڻي ته وڃ سڌو اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ وٽ، وارننگ وٺي اچ.“

اِس سيني جا مک اچي کليا.

گجراتيءَ چيو، ”آ ٻڌارا ٿي نوا قاعدا ٿي ڪيا ٿي خبر هوءِ؟“

مرهٽيءَ چيو، ”ڪيسواڻي، ڪڏهن آشيرا ڀيٽ ناهي.“

ڪيسواڻي ويچارو منجهي پيو. سمجهي نه سگهيو ته آخر ڪهڙي ماجرا آهي. مانيءَ جي هر ڙي ته خاني ۾ رکيائين پر ڪنن ۾ اهو ئي آواز وڄي رهيو هوس، ”وڃ

اَسسٽنٽ سيڪريٽريءَ وٽ.“ ليٽ ڪنهن وجهي دماغ
۾ ڳالهه وهاريس ته ڪالهه نئون فرمان نڪتو آهي ته،
”جيڪو پهريون دفعو ١٠-٣٥ کان دير سان ايندو الکي
وارننگ ملندو. ٻيو دفعو دير سان اچي ته هڪ ڏينهن
موڪل ڪٽ، ٽئين دفعي هن خلاف انتظامي قدم کنيو
ويندو.“ ڪيسواڻي هڪ هڪ ڳالهه تي جنسي ٽپ ٽي
ڏنو ۽ وات مان نڪري ويس، ”چوٿين دفعي سان؟“
”چوٿين دفعي سان گهر جي ٽڪيٽ، ٻيو وري ڇا!“
سنڌي ڪلارڪ شرارتي نوع ۾ وراڻيس.

پکي جي هيٺان ويٺي ۽ ويچاري ڪيسواڻي جي نرڙ
تان پگهر وهي رهيو هو. پراڻن ڪپڙن مان ٺهيل رومال
ڪڍي پگهر اگهڻ لڳو. سندس اکيان لنڊڙي ميڊوءَ
جي شڪل ڦرڻ لڳي- ”ڇوري آڳر کان جهلي ويٺي ۽
نه ته ٻه منٽ دير نه ٿئي ها ته ورار کان فاسٽ گاڏي
ملي وڃي ها ۽ ايڏي شرط منحوس آفيسر جي شڪل
ڏسڻي نه پوي ها.“ ويچاري ٻالڪي موڪلن ۾ ٻه-ٽيءَ
سان گهڻو هري ويئي هئي. موڪلن کان اڳي هوءَ ته
ڪيسواڻي صبح جو سوير گهران نڪرندو هو ته ميڊوءَ ننڊ
۾ ٿي هوندي هئي ۽ رات جو ٩ بجي آفيس مان گهر
پهچندو هو ته سڀ ٻار ننڊ ۾ هوندا هئا. ڪيسواڻي
وري پاڻکي ٿي ڀڻ ڀڻ ڪندي، ”هي اڄڪر جيڏيون
ٽرينون ڪٽي وقت سر پهچن ها ته ’مسٽر‘ (حاضريءَ جو

رجسٽر) ملي وڃي ها.“

ڪيسواڻي آفيسر جي روم وٽ وڃي در جي سوراخ مان ليئو پائي ڏٺو ته ٻيو ڪير ته نه ويٺو آهي. اندر گهڙيو. همت ڪري عرض ڪيائين، ”سائين مان ته موڪل تي هوس. مونکي تنهن فرمان جي ڪهڙي خبر. اڄ تنهن فرمان مطابق ته پوري وقت ١٠-٤٠ تي آيو آهيان.“

”توکي تنهن فرمان جي خبر هئڻ کپندي هئي. فرمان، فرمان آهي. هان هي وٺ وارننگ“ آفيسر رعبدار آواز ۾ چيو ۽ ڏانهنس ڪاغذ اڇليو. /

ڪيسواڻي هٿ وڌائي ماٺ ميٺ ۾ وارننگ جو ڪاغذ جهٽي ورتو. ويچارو انسان ته گهڻا ڪري ويو هو ته انصاف جي تقاضا ڪندس پر آفيسري رعب اڳيان ڍلجي ويو. دل ۾ آيس ته جيڪر چئي ڏيانس ته ”اسانکي آفيس اڳيان ڪوارٽر ٺهرائي ڏيو ته زال ٻارن سميت ٢٤ ڪلاڪ ئي سرڪار جي خدمت ڪندا رهون.“ پر سڙو ٻي موني آيو.

هو ڪرسيءَ تي ويٺو ته سهي، پر دل دماغ ۾ آرام نه هئس. اڃا اٽڪل پنجن سالن بعد تازو پروموشن مليو هوس. ڪلارڪ مان اسسٽنٽ ٿيو هو. ١٧٠ رپيا پگهار. مس مس ڪري وڃي پٽسي جي ٽنگيءَ ڪڍي مهن ڏٺو هٿائين ته وري وارننگ جي شامت آئي هئس،

سوچــڻ لڳو، ”اسين هڪ هٿ ۾ فائيل ٻئي هٿ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سڄو بار جهلي ڏرين ۾ لٽڪندا ميلن جي مسافري طئه ڪري آفيس ۾ اچون ۽ پوءِ جيڪڏهن سانگي سان ڪي منٽ دير ٿي ويئي ته ڇا ٿيو؟ پلا دير سان اچڻ ڪري جي سزا ڏني وڃي ٿي ته مــون جهڙن هزارن کي روز شام جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻـه ڪلاڪ وڌيڪ وقت وهڻ ۽ موڪلن ۾ آفيس ۾ اچـڻ جو اُجورو به ته ملڻ کپي. ڪڏهن سرڪار ان اُجـوري جو به خيال ڪيو آهي؟ اسين گهر جـي پوري پرگهور نه لهون ته به ٿڪندا سهڪندا آفيس ۾ اچون. گهر دير سان وڃون ته به فائيلن جو بنڊل کڻي وڃون. صحت ۽ آرام گنوائي به ٿوهندا رهون ته به پورو عيوضو نــه ملي. هيءَ ڪهڙي حياتي آهي؟ هروقت جنسي واڳهوءَ جي وات ۾ آهيون.“

هنکي ياد آيو ته پوڙهن ساٿيا اکر ڪجهه وقت اڳ آفيسر، مان موٽڻ وقت سندس پٺيءَ چيا هئس- ”سڄو ڏينهن جڻ واڳهوءَ جي وات ۾ آهيان. مٿو ڪو هڪڙو هجي، جدهن کي سنڀاليان. گوپ پاڻ جمّن وڏو ٿئن جڏو. پڙهڻ ۽ گهر جي ڪر کي آهي جواب، رڳو اٿس لغڙ ۽ ٻيرا، لائي ۽ ڏڪر. هاڻ ته جوُتا به شروع ڪئي اٿس. ڪڏهن ڪلندو اچــي ته ڪڏهن روئندو. ڪڏهن ٽڪ هٽي اچي ته ڪڏهن ڏڪ کائي اچي. هوءَ ڇوري پارُ

ڪو نه ڏنائون ۽ اُهو ئي نه ڊڄورو ڏيئي آهي جڏهن ملڪ مڃايوسين. سنڌ ۾ نه چار سال نوڪري ڪئي پر ڪڏهن به ڪو نه ايترو سوچيل ويندا هئا ۽ ڪو وري هيترو ڏير سان ايندا هئا. گڏ گهمبو ڦرڻو هو. مٽن مائٽن ۽ ساهيڙين سهيلين سان رلبو ملبو هو. مگر هتي نه مهنا ٿيا آهن، جو بمبئي شهر جي شڪل نه ڏٺي اٿم. ڪڏهن وڃبو ته به مائٽن جا ٺڳ پڙيو. منهنجي لاءِ ته اُهائي سڄ ۽ پيئنگ آهي. هِين جا مڙس آفيسرن کي ٻڌائي، آفيس ۾ پورا پئون ته گهر ۾ به پورا پئون."

ان وقت ڪيسواڻي پنهنجي ڊرميٽني کي خوش ڪرڻ لاءِ سهيل گوپ کي ڪن ڪان مروٽيندي چيو هو، "اڙي ٻڌين ٿو، هن ڪانپوءِ جي ٻڌو اٿم لغڙ اُڏايا ائيٽي يا جوڙتا ڪٽي ائيٽي ته ٺڳون ٺڪر ڪري چڏيندو سانءِ." ۽ پوءِ ڪجهه فائيل پڙي ڪري هنجي دل وندرائي هئائين......

جي پر وارو مرهٽو اسسٽنٽ سندس ڏيان نه ڇڪائي ته ڪيسواڻي الاجي ڪيترو وقت اچا به ويچارن ۾ غلطان رهي ها.

"ڪهڙن خيالن ۾ آهيو دوست؟"

"هي ته اسورو ناحق جو وارننگ آهي. وزيرن وانگر موٽرون نه ناهن،" ڪيسواڻي اُٿر ڏنو.

"توکي خبر آهي ته ٽرين جي دير ڪري اڄ مان

ان منحوس وارننگ کان پوءِ ڪارڻ، روٽيءَ لاءِ ڪٽي آيل پئسا ڏيئي ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي پوري وقت تي پهتس.“

”پلا اهو به ڪو فرمان ڪيو اٿن ته شام جو سا ڍي ٥ بجي ڪارخانو ڪير به آفيس ۾ نه وهي؟“

”دوست، خبر نه اٿيئي ته جيڪو ساڍي ٥ ڪارخانو نه وهندو آهي، تنهن کي ڪمپني نه آفيسر وڃڻ لاءِ سڏي يا اٿسڏيءَ طرح مجبور ڪندو آهي. وري چون ٿا ته فرمان لڪنا آهن ته وسيس ۾ ٻاهر وڃڻ ۽ اچڻ لاءِ مسٽر لي صحي ڪرڻي آهي.“

”هيءَ چڱي حڪمشاهي آهي. چون ته ٿا پيشاب ڪرڻ لاءِ به موڪل جو مسٽر رکن؟“ ڪيسواڻي جي هن گفتي سيني ۾ ٺهڪڙو مچائي ڇڏيو.

”اڙي بابا،“ مرهٽي اسسٽنٽ چيو، ”هي سڀ Rationalization جون رٿون آهن. ٿورن ماڻهن کي پيڙي گهٽي ۾ گهڻو ڪم ونڻو اٿن. پڌو ڪونه اٿو ته ڪمپني نه ڪارخانن ۾ مزورن جي ڇانٽي ڪري، گهٽن مزورن جو ڪم ٿورن کان ورتو ويندو آهي. تفاوت صرف اهو آهي جو اسين وچولي طبقي وارا گولگين گاين وانگر سرڪاري دٻاءُ سهون ٿا، ۽ مزور ظلم جو محڪمنا سان مقابلو ڪن ٿا.“

”ڳالهه سچي ڪئي اٿيئي. جيترو وڌيڪ ايمانداريءَ سان ڏهون ٿا اوترو وڌيڪ پيڙجون ٿا. اسان کي به

هاڻ نہ رڳو موڪلن ۾ نہ اچڻ ڪبي، پر ساڍي ٥ بجي کان پوءِ هڪ منٽ بہ نہ ترسڻ ڪبي،“ ڪيسواڻيءَ صلاح ڏني.

”ضرور ضرور، ڪلهہ بہ هتي سڀني ڪاتبن ۾ ان ڳالهہ تي وڏو چوٻولو متو هو ۽ اچ تنهنجي مثال تہ اسانجون اکيون پٽيون آهن. اچ هن روم ۾ ساڍي ٥ بجي کان پوءِ هڪ بہ نہ ويهندو،“ گجراڻيءَ سپرنٽينڊنٽ فيصلو ڪندي چيو.

باقي وقت ڪيسواڻيءَ جون اکيون گهڙيال ۾ کتل رهيون.

ساڍا ٥ لڳا تہ سڄي روم خالي ٿي وئي. ڪيسواڻي ٻاهر ڏٺو تہ ٻين رومن مان بہ اڳي کان وڌيڪ ڇڙا نڪري رهيا هئا. هن محسوس ڪيو گويا هن ڪي وار لنگهہ جو عيوضو ملي چڪو. اڄ هنجا هٿ هلڪا هئا، دل ۽ دماغ هلڪو هو ۽ چهري تي خوشيءَ جي جهلڪ نمودار هئي.

۽ پنهنجي روزاني عادت الوسار جڏهن ٿي آفيسر ساڍي ٥ بجي کانپوءِ ڪم جي مڪر سان ڪلارڪن جي روم ۾ گهڙيو، تڏهن اُتي ڪير بہ نہ ڏسي، محسوس ڪيائين، گويا اسپيڪر جي گهڙندي، اسيمبليءَ جا ميمبر ”واڪ آئوٽ“ ڪري ويا هجن!

# ٽِڪل ٽاريءِ

ٽيهن ڏينهن شام جو آفيس مان ٿي موٽيس. اَجا "۱۲۳" بس ۾ اَندر گهڙيس مس ته هن پاڻ سان گڏ وهڻ جو اِشارو ڪيو. پر مون اهڙي ڏيکاري ڏني، ڄڻ ڪيس ڏٺم ئي ڪونه. جڏهن پنهنجي جڳهه تي ٿي ويٺس، تڏهن هن وري اَچڻ لاءِ اِشارو ڪيو. هاڻي ته نٽائڻ مشڪل هو، اُٿي وڃي ساڻس گڏ ويٺس.

هن چيو، "توکي مونسان گڏ وهڻ ۾ شرم ٿي آيو... مون سمجهيو هو ته تون ايڏو ڇڙو نه هوندين."

مون جهٽ ڪري چيو، "نه... نه، اهڙي ته ڪا ڳالهه ڪانهي،" ۽ ٺيڪ جواب لاءِ اَڃا سوچي ئي رهيو هوس، جو چيائين، "توکي اهو سٺو ٿو لڳي ته ٻيو ڪو ڏاڙهي وارو شخص اچي مون سان وهي؟"

هنجي اِن گفتي ۾ جا پنهنجائپ ڀريل هئي، تنهن سچ پچ مونکي لڄائي ڇڏيو. اَڃا به شايد اِن ڳالهه تي سوال جواب هلي ها، پر ڪنڊڪٽر اچي بچائي ورتو. هن يڪدم رپيو ڪڍي ڪنڊڪٽر کي ڏنو ۽ مونکان پڇيائين، "ڪٿي لهندا؟"

”چوپاڻي!“ مون پنهنجي ڪيسي مان رپيو ڪڍيو ۽ ڪنڊڪٽر کي، هنجو رپيو واپس ڪرڻ لاءِ چيم. هو ۽ سوال ڀري نظر سان مونڏانهن نهارڻ لڳي. مون چيو، ”اٺين ڪيٽن ٿيندو؟ مان ٿو ڀاڙو ڏيانس.“

”ساڳي ڳالهه ته آهي،“ هن هي لفظ ايڏي ۽ ته حجت سان چيا، جو مونکي آڻ مٺڙي لڳي. هي چوپاڻي ۽ جون ٻه ٽڪيٽون ورتيون. مونکي سڌ هئي ته هو ۽ تارديو تي رهندي آهي. اڪري سندس چوپاٽي تي لهڻ ذرا مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو.

ايتري ۾ چوپاٽي ٻه اچي وئي. اسين ٻئي بس مان لٿاسين. مون چيو، ”چڱو، مان هلان ٿو.“

”ڪيڏانهن؟“ هن پڇيو.

”گهر،“ مون چيو.

”اڄ ته ڏهه پندرهن منٽ هتي وهون. ڪهڙو نه دلڪش نظارو آهي. توکي هي نظارو ڇڏي گهر وڃڻ تي دل ٿئي ٿي؟“

منهنجي وات ۾ جڻ مڱ پيا هئا. ڪن لاءِ گهر وسري ويم. اسين هڪ بينچ تي اچي ويٺاسين. پر وري گهر جي ياد هاڃي آئي. چيم، ”مسز ديشپانڊي، معاف ڪجو. مان وڃانٿو.“

”ڀلا تڪو ماندو گهر وڃي ڇا ڪندين؟ ڪهڙي ٻانهي ٻڙي ويٺي اٿيئي جا تنهنجو انتظار ڪندي هوندي.“

هن مشڪي ڏنو.

”اڙي... ڇو؟ منهنجي ڀيڻي... منهنجو پٽ...“

”ها...“ لتا ٻي ڀيرو چيو. هڪ ڪن ۾ حيرت ۾ وٺي رهي. ٻوءِ ڇپائين مس گدواڻيءَ ته ڇو هوندو تون بئچيلر (ڪنوارو) آهين!“

مان، لتا ۽ مس گدواڻي هڪ ئي سرڪاري ڪاليج ۾ ڪم ڪندا آهيون. مونکي ياد آهي ته ڪلهه جڏهن گدواڻيءَ سان لتا جي ساراهه ڪئي هئم، تڏهن هن مسخريءَ ۾ چيو هو، ”پوءِ تون ئي شادي ڪريس نه.“ هاڻي سمجهه ۾ آيم ته هن ڪيچليءَ، لتا سان به مسخري ڪئي هئي. ڇو ته ڪيس خبر هئي ته، مان شادي ڪيل آهيان ۽ هيءَ اڻ ڄاڻ، گدواڻيءَ لئي وشواس ڪري ويٺي هئي. لتا ڪري چيم، ”پاڻي زال به اهڙي جهڙي ڪانه اٿم. آفيس مان ٿوروئي دير سان موٽان ته ڏمال ڪيندي آهي. اهڙو ڪهڙو آفيسر لڳو آهين جو دير سان ٿو گهر موٽين.“ ائين چئي مان اٿڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. ليڪن لتا جو جواب ٻڌي اٿي ٿم ٿي ويس.

”اَلا، اسين سڀ زالون اهڙيون ئي آهيون؟ مان به ته هنکي ائين ئي چوندي هئس.“ لتا سرد آهه ڀري ۽ ڏکاري آواز ۾ چيو، ”تون ڀلي وڃ...“

مون چيو، ”هاڻي ته نه ويندس.“

# قيد

اڄ ڪيترن ڏينهن کانپوءِ مس مس آفيس ۾ سويل پهتو هوس. سمجهيم، منهنجو ننڍو باس اڄ مونکي سويل آيل ڏسي، ضرور خوش ٿيندو. پر منهنجي عجب جي حد ٿي نه رهي، جڏهن ڏٺم، ننڍي باس جي ڪرسي اڃا خالي پيئي هئي. هونءَ ته هو سدائين سويل ايندو آهي ۽ دير سان ويندو آهي. دل ۾ چوندو آهيان، هو مونکان ڪيترو نه خوش نصيب آهي! گهر مان نڪري به مونکان دير سان ۽ پهچي به مونکان اڳ. ڏاڍو ويجهو اٿس هنجو گهر! پر منهنجو گهر آهي، ڪوه پري، ڪلياڻ ڪئمپ ۾. سو به پيءُ ماءُ جو گهر آهي، ڀائرن جو گهر آهي، ڀينرن جو گهر آهي. مون لاءِ ته رڳو رات سمهڻ جي مهمان سراءِ. ڇڙو ڇانڊ جو ٽيس. ليڪن منهنجي باس کي خوبصورت پتني به آهي ته منڙو پٽ به اٿس. ڪمبخت ڪڏهن به ڪين آفيس ۾ نه وقتي آيو آهي... مان اڃا سوچيندي ٿي رهيو هوس ته منهنجو ننڍو باس اچي ويو. اڄ ڏاڍي عجيب انداز سان آفيس ۾ گهڙيو. کلندو ڪيڪاريندو. اصل در وٽان پٽيوالي سان ٽئي چرچو ڪندو اندر گهڙيو. اسٽينوگرل ڏانهن به جهڪي مرڪيائين. اسان ٽنهي جون اکيون وڃي منجهس کتيون

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

اسٽينو گرل ته پٽيوالي کان ڪلندي پڇڻ لڳي، ”اڄ سڄ ڪهڙي پاسي اڀريو آهي؟“ پٽيوالي لنڊي باس ڏانهن نِسندي چيو، ”اڄ ته عيد جو چنڊ نظر آيو آهي.“

اسانجي آفيس خاص وڏي ڪانهي. وڏو باس، ننڍو باس، مان، ليڪچرر اسٽينو گرل ۽ پٽيوالو. پر لنڊي باس کان سواءِ سڀ هڪٻئي سان اينترو گهائل مائل آهيون، جو شاديءَ غميءَ ۾ هڪٻئي جي گهر به اچون وڃون. هڪڙو ننڍو باس ئي، ڪڏهن ڪنهن کي نه گهرائي، نه ڪنهن وٽ اچي وڃي. هن اجنبي ٿي رهڻ چاهيو ٿي ته اسان به کيس اجنبي ٿي رهڻ ڏنو. چا لاءِ سندس پنيان پران. آخر به رڳو هيڊ ڪلارڪ آهي ۽ مونکان فقط سؤ کن پگهار مٿي اٿس. ڪوئي رعب ڏيکاري ته گهر سکي هجي، هتي بمبئيءَ ۾ پلا فرصت ڪنهن کي رکي آهي پنهنجائي وڌائڻ جي؟ هتي هرڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ هڪ وڏو نڪر لڳندو آهي، جنهن کي ٽاڪڻ لاءِ ڪيترائي ڏينهن پنهنجائي جي هٿوڙو هٽڻو پوندو آهي. پر لنڊي باس کي اڄ هيئن پنهنجائيءَ سان پاڻمرادو مرڪندو ڏسي، ساڻس گهائل مائل ٿيڻ لئي دل هرکي ويئي. موقعو تاڙي چيم، ”اڄ ڏاڍا خوش پيا لڳو. ڪا خوشخبريءَ ٻڌڻ جا اسين به حقدار ٿي سگهون ٿا؟“

ننڍو باس منهنجي منهن ۾ نهاري مرڪڻ لڳو. انهن

لڳو ڪجهه چاڻ لاءِ پاڻ ۾ آلو هو. هن خوش خوش ٿي چيو، ”اڄ مان سچ پچ خوش آهيان. اصل ڏاڍو خوش آهيان.“ اهو ٻڌندي اسٽيمو، هيموالي کي چيو، ”چار چاءِ باس ڪي شان ۾ آ جائين.“

لنڊو باس ڪاوڙيو ڪونه ۽ لڪي منهن گهنجايائين. ڪلي چيائين، ”ها ٿورا پيڙا ۽ ڪائي وٺو.“ اسانکي لڳو اسانجي ڪٽنب جو پالي اڄ سفر تان گهر موٽيو آهي.

وڏي باس جي اچڻ ۾ اڃا ڪلاڪ ڪن جي دير هئي. اسان سڀني خوشخبري ٻڌڻ لاءِ لنڊي باس طرف ڪن ڪيو. لنڊي باس ڪر موڙي ٻانهون ڦهلائي چيو، ”بس اڄ قيد مان آزادي ملي ويئي.“

مون چيو، ”قيد ته توهان صاحبن پاڻيهي پاڻ کي ڏنو هو...“

ڪتا لوڏي چيائين، ”نيڪ، بلڪل نيڪ، قيد مون پاڻيهي پاڻ کي ڏنو هو پر اڄ هيڏو ۽ پري ٻورڙولي مان آيو آهيان ته به دل ڏاڍي خوش آهي.“

مون پنهنجي روزالي لمبي سفر کي ياد ڪندي چيو، ”هاءِ ڙي اپاڳا پاڳ! پرڀل مان اُتي ٻورڙولي ٿڪي وينا آهيو ته وڏيڪ خوش ٿيا آهيو...“

”هولاند ڪوئي رومانس.“ اسٽيمو شرطايو.

باس لڄارو ڪلي چيو، ”پالي اسان هڪ پيرو ڪي رومانس ڪيو ۽ بدواس پوڳيوسين. ليڪن هاڻي بدواس

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# قيد

اڄ ڪيترن ڏينهن کانپوءِ مس مس آفيس ۾ سويل پهتو هوس. سمجهيم، منهنجو نئين باس اڄ مونکي سويل آيل ڏسي، ضرور خوش ٿيندو. پر منهنجي عجب جي حد ٿي نه رهي، جڏهن ڏٺم، نئين باس جي ڪرسي اڃا خالي پيئي هئي. هونءَ نه هو سدائين سويل ايندو آهي ۽ دير سان ويندو آهي. دل ۾ چوندو آهيان، هو مونکان ڪيترو نه خوش نصيب آهي! گهر مان نڪري به مونکان دير سان ۽ پهچي به مونکان اڳ. ڏاڍو ويجهو اٿس هنجو گهر! پر منهنجو گهر آهي، ڪوهه پري، ڪلياڻ ڪئمپ ۾. سو به پيءُ ماءُ جو گهر آهي، ڀائرن جو گهر آهي، ڀينرن جو گهر آهي. مون لاءِ ته رڳو رات سمهڻ جي مهمان سراءِ. ڇڙو ڇانڊ جو تيئس. ليڪن منهنجي باس کي خوبصورت پتني به آهي ته منڙو پٽ به اٿس. ڪمبخت ڪڏهن ته ڪين آفيس ۾ نه وقتي آيو آهي...

مان اڃا سوچيندي ٿي رهيو هوس ته منهنجو نئين باس اچي ويو. اڄ ڏاڍي عجيب انداز سان آفيس ۾ گهڙيو، کلندو ڪيڪاريندو. اصل در وٽان پٽيوالي سان ٿئي چرچو ڪندو اندر گهڙيو. اسٽينو گرل ڏانهن به جهڪي مرڪيائين. اسان ٽنهي جون اکيون وڃي منجهس کتيون

منهن ڦيري اٿين لڪڙو لڪڙو ڀڄندو هوس، جڻ ڳهڻيءَ جي موڙ وٽ ڪو ماڻهو مون لاءِ ترسيو ويٺو آهي. پنهنجي ٻن ڪي اهڙي ڪٺي گهٽ ٻُو ساٿ ڏٺم جو ڳالهه ڪرڻ جي ناهي. هروقت اهو ٿي ڊپ هو ته ڪٿي راز نه ظاهر ٿي پوي، پٽ نه واهڪي ٿي وڃي.

”اُف! ڊپ به ڇا نه ماجرا آهي. ڊپ جا هي ٻه سال ڏه الائي ڪيئن گذريا آهن. آهه... هڪ خسيس اجهي لاءِ ڇا ڇا نه ڪرڻو پيو؟ الائجي ڪيئن ڪٽو ڪٽو ڪري پگهار مان ٻڪريءَ جا پئسا گڏ ڪري، ٽئين جڳهه هٽ ڪٽي اٿم ۽ مس وڃي اُنهيءَ قيد مان ڇوٽڪارو حاصل ٿيو آهي...“ چوندي چوندي هن جي دل ڀرجي آئي.

آسانجي دل ٻه ڀڳهرجي ويئي. اسين ماٺ ٿي ماٺ ٻڌ، من ۾ پنهنجي ٻاس لاءِ ناهيل راڻ جي قيد ڪي ٽوڙڻ ۾ مدد ٿي وياسين.

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

# "پيار نه ڪپيس"

دڙي ڪڙڪو ٿيو ته دل ذرا ڍرڄي ويئي. رات جا ٻه لڳي ويا هئا ۽ مون روئي ڪاٽي، ٻه چار اوڳرايون ڏيئي سمهڻ جون تياريون پئي ڪيون. ويچاري ماءُ ڪا پوٿي پڙهي ايشور کي مون لاءِ آڙيون نيزاريون ڪري رهي هئي.

مان دل جهلي در کوليان، ان کان اڳ در ۾ ڪيل جاسوسي ٽونگ مان جهاتي پائي ڏٺم ته متان ڪو رامن راگهو جو چيلو نه هجي. پر ٽونگ مان ٻاهر بيٺل شڪل ڏسي ڀوڙلدو وڃي ماءُ کي چيم، "اڙي ايشور تنهنجي آرادنا اگهائي آهي."

هن غصي ۾ اچي چيو، "ماريا، لوڪي ته سڄو وقت روڻشو لڳو پيو آهي. پرارٿنا ۾ پيگ ۾ وجهي ڇڏ پٽ! وري تنهن سر پرارٿنا ڪرڻي پوندي."

"اڙي وڌيڪ پرارٿنا جي ضرورت نه اٿيئي. ايشور جي دربار ۾ تنهنجي وينتي قبول ٿيئي آهي. هو آيو آهي!" مان يڪساهي چوندو ويس ته اڳيدو ٿي پئي ويس.

"ماريا ڪير آيو آهي، جو هيئن ٿيو نچين؟"

”اڙي هو هونئهار سالو شريف آهي؟“

”هان... جلد ڪر وڃي در کوليس.“

مان در کولڻ ويس ۽ ماءُ وري به پرارٿنا ۾ مگن ٿي ويئي، ”هي ايشور، منهنجي سڪيلڌي ڌيءَ جو نصيب کول. هن جي گهٽ ۾ وجهه نه هو پنهنجي ڌيءَ ڏيڻ قبول ڪن. سرڳيءَ جو گهر سائو ڪر.“

مون در کوليو، هڪ خوب کيڪاريو. چيو مانس اندر اچ. پر هن ڪنڌ ڌوڻي چيو، ”بابا هيٺ بيٺو آهي. مٿي به ماڙا چڙهي نٿو سگهي. توهان کي ڪوٺي ويٺو. مهرباني ڪري جلد هلو.“

”اندر نه اچو نه.“

”نه نه، مان هلان ٿو. توهين هيٺ اچجو.“

”چڱو، توهين هلو نه مان ڪپڙا مٽي اچان ٿو،“ چئي مون ڪمري ۾ اندر اچي ماءُ کي فلڪ سان چيو، ”آئي نه ٻلبل پيتيءَ لي. مون جهڙو خانداني ڪمائيندڙ ڇوڪرو ٻئي ڪٿان وٺي ته مون. ڇيومانءِ نه هو وري به تنهنجي در جي اچي سلامي پرندا. هيڏي وڏي، عمر واري ڇوڪري پلا پيو ڪٿي اڳهامند ن؟ هيٺ پٽس پاڻ بيٺو آهي.“

”اڙي، ماريا، اها منهنجي ايشور جي ڪرپا اليئي، جنهن ليت منهنجي ٻڌي آهي. وڏي سڪا ٻاسي آئمالس. نه نه ٿو تنهنجو موڪيه لٿي.“

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com

”اَڇا، هي تنهنجو ايشور، للڏهن ڪانگريس سرڪار
کان ته وڏو ڪ رشوتخور ڇڙبو. پوءِ هاڻي جيڪا رشوت
ٻاسي اُٿئيس، سا اڳي ڇو نه ٿي کڻي ٻاسيس، جو هيتري
پئسڪڻ کان ڇٽي پئون ها. گهڻيون ڇوڪريون ڏٺيون
اٿم. ڪا مونکي نه وڻي ته ڪنهن کي مان نه وڻان.
هيءَ شادي ته ڪانهي جڻ ڪا شاپنگ ڪرڻي آهي.“
”چڱو جلدي ڪپڙا بدلائي وڃ. زور ڪري مٿي
وٺي اچين.“

مان جڏهن جڏهن ڪپڙا بدلائيندو ٿي ويس، ڏٺن ڏٺن
منهنجي اکين آڏو، ڏنل ڇوڪريون هڪ هڪ ٿي،
سئنيما جي ڇترن والگر ڦرڻ لڳيون......

ڪي موڙا مڇڪا پيئون ڏين ته ڪي ناز نخرا
پيئون ڪن. هو جيڪو ناڪاري جواب ڏيڻديون وڃن،
منهنجي دل ۾ اُنجو جواب ٿيندو وڃي. جڏهن ڪا چوي.
”نه، عمر جو وڏو آهين.“ ته منهنجي دل چوي، ”اُڀي
تو مڏهن جوان هوُن. ا

ڪا چوي: ”ڇي...... قد جو ڇوٽو آهين.“

منهنجي دل چوي: تون ڪهڙي سر ڦد سندري
آهين.

”اون... هون اَڻ پڙهيل آهين.“

تون ته ڪاليج پڙهين آهين تہ ڪهڙي ڪيمپ ڪٽي
اٿيئي.

”اُلا! فئڪٽريءَ ۾ مڪئنڪ آهين.“

محنت ڪندڙ آهيان، تو وانگر ٽُوٽ ڀڳل ناهيان.

”سا ري... سانورو آهين.“

تون ڪهڙي حوُر پري لئي آهين؟

”ف... ت... فئشنبل ناهين؟“

برابر مان آمريڪي هپي ناهيان.

”روبسٽ باڊي نہ اٿيئي.“

ها تو وانگر روز ملهہ وڙهڻ جهڙي باڊي نہ اٿم.

”ساد و سود و آهين.“

ها، ڏونڱون ڏکيلو ناهيان.

”شاهوڪار ٿي ڪونہ آهين.“

شاهوڪار ٿيڻ ۾ ڪهڙي فارسي آهي؟

”پرسنلٽي بہ ڪانہ اٿيئي.“

برابر پنهنجي نمائش ڪرڻ نہ ايندي اٿم.

عجب نہ هئن سيني ڇوڪرين مان ڪنهن بہ اهين ڪونہ چيو تہ ڪيس رگھو هڪ پيار ڪندڙ پتي کپي. غلطي منهنجي اها هئي، جو بابي جي جيئري هوندي تہ شادي ڪرڻ ڏانهن ڌيان ئي نہ ڏنم. ۽ اڄ هن جي گذاري وڃڻ بعد، جڏهن مان زندگيءَ جون ٣٤ بهارون ماڻي چڪو هوس، تڏهن الاجي ڇو شاديءَ جي گهرج محسوس ٿيڻ لڳي هئم.

۽ اڄ اهــا پوري ٿيندي نظر اچــي رهي هئي.

منهنجي اکين اڳيان ڪلهوڪو نظارو ڦري ويو، جڏهن هڪ ٻيءَ ۽ هڪ ٻٽ، منهنجي پاس کان منهنجي ٻگهار ۽ چال چلگت بابت پڇاڳاڇا ڪرڻ آيا هئا ۽ مولکي مڪئنڪ جي پوشاڪ ۾ ڏسي ٻهرين ته دهلجي ويا هئا، پر پوءِ جڏهن مون پوشاڪ بدلائي، کين هوٽل ۾ چانهه پياري سندن سڀ چنتائون دور ڪيون، ۽ کين خاطري ڏياريم ته ۴۰۰ رپيا ڪمائيندڙ آهيان ۽ اهي سڀ سدائين پنهنجي ڪنوار اڳيان اُرداس رکندس ۽ گهر جي راڻي ڪري هر طرح سکي رکندو سانس، تڏهن وڃي کين آٿت آيو هو ته برابر سندن ڇوڪري شينهن ڪلهي چڙهندي...

... ۽ هاڻ هو ٻئي هيڏي رات جو شايد الڪري ئي آيا هوندا ته ڪٿي مون جهڙو سڀاجهو ۽ خانداني مرغو هٿان مان نه نڪري وڃي ۽ ضرور اڊوانس ٻڪنگ ڪرڻ چاهيندا هوندا.

مان سوٽ بوٽ پائي هيٺ لٿس. هن وقت ٻهڪي ڪيڪاري چيم، ”فرمايو، ڪهڙي آگيا آهي.“

ٻئي ٻيءَ ٻٽ اهو ٻڌي، ذرا ڪڪا ٿي ويا. نيٺ ٻيءَ ٿي ساهس ڪري پڇيو، ”ٻـٽ، تنهنجي ڊيگهه گهٽي آهي؟“

هي عجيب سوال ٻڌي ٻهرين ته مان هڪو ٻڪو ٿي ويس ته هي وري ڪهڙو نئون رينگٽ شروع ٿيو آهي.

ڪٿي منهنجا آنسنا ۽ اُميدون، گيهه جي دلي وانگر پٽ ٿي نه اچي پوندا. پر جلدي خنڪيءَ سان وراڻيم، ”مون پنهنجي ڊيگهه ماپي ڪانه ڏني آهي، پر سمجهان ٿو ته اُها ساڍا ٥ فوٽ ٿيندي.“

”ٺيڪ،“ هيءَ ٻوڙ ۾ ٻيڙجي رڙ ڪئي.

”ماپي ڪٿي ٺيڪ ڪريو.“ مون ٻه فلڪ سان جئي ڏنو مانس، جيتوڻيڪ دل ٻڏي ٽري پئي ته ڪٿي منهنجي ڊيگهه، ساڍا ٥ فوٽن کان گهٽ نه ٿي پوي.

هيءَ چيو، ”نه نه، ٺيڪ.“ هو نه نه چوندو به پئي ويو ته پنهنجين گرائن سان منهنجي ڊيگهه ماپيندو به پئي ويو. مان اهو ڏسي سچ پچ دنگ رهجي ويس. هيئن عام وهنوار گهٽيءَ ۾ ايهي ڪو ماڻهو پنهنجي هونٺهار نانيءَ جي ڊيگهه وٺي ماپي، اهو ڪٿان جو دستور هو؟ ٻيو ڪو ماڻهو ڏسي وٺي ته؟؟ ٻهرحال ته دل ۾ آيو ته ڪهڙي هيءَ جي ڏيءَ ڪهڙي هوندي. ڇو نه انڪار ڪري ڇڏيان. پر هتي ته بالڪل پاڻهين لاءِ محتاج هوس، سو دل ئي دل ۾ سوڙ ٿي ويس. پڇيومانس ”ڪيئن تسلي ٿيو؟“

”ساڍا ٥ فوٽن کان ته ڪجهه گهٽ ٿي لڳي،“ هيءَ هٻڪي هٻڪي چيو ته مٿان مان ڪٿي غصي نه ٿيان. اهو ٻڌي منهنجي دل ٿوري ٻڏي ويئي. پر يڪدم هيڏانهن هوڏانهن نهاري، مون ذرا ننڍي پيرني نوع

۽ چيو، ”توهين پيرسن آهيو، پٽ کي ڇڏو نہ، چڱيءَ طرح ماپي ڏسي.“

”نہ، نہ“ چوندو ورپ ۽ بيدو پنهنجو ۽ پنهنجي پٽ جو رومال ڪڍي اُن سان ماپ وٺڻ لڳو.

موزن ۽ سندس ڪيل ماپ هاڻ ٻڌڻ ڪان اڳوات ٿي، خندہ زنيءَ واري لهجي ۾ چيو، ”فوٽ ڪٽيءَ سان ماپي ڏسو، فوٽ ڪٽيءَ سان...“

۽ بيدو لڄي ٿيڻ بدران، سچ پچ پٽ کي چوڻ لڳو، ”ڏس نہ ڪٽي پاسي ۾ فوٽ ڪٽي ملندي هجي؟“

پٽ يڪدم گهٽيءَ مان نڪري رستي ڏانهن وڃڻ لڳو ۽ پيءُ مونکي آهستي آهستي چوڻ لڳو، ”پٽ هل تہ هوٽل ۾ ڪجهہ ڊرنڪ بہ پيئون ۽ ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪريون. مهنجي ذيءَ جي ڊيگهہ ساڍا ۵ فوٽ آهي ۽ تنهنجي ڊيگهہ جي پڪ ڪرڻ لاءِ ٿي هيڏي مهل اچڻو پيو آهي. بس فقط ڊيگهہ تي هن جي فيصلي جو مدار آهي.“

الاجي ڪيئن مان نہ چاهيندي بہ هن سان گڏ هلڻ لڳس. هن جو پٽ يڪدم ٽڪڙو ٽڪڙو ٿورو پريان دڪان جي قطار وٽ وڃي ڏسي ڪري واپس آيو. چيائين، ”فوٽ ڪٽيءَ وارو دڪان تہ بند آهي.“

پيءُ يڪدم پٽ کي چيو، ”هو ڏس سامهون درزيءَ جو دڪان اڃا کليل آهي. هن وٽ ٽيپ

ضرور هوندي. هنجي پوسان ٻڌليءَ جو ٽنبو ته لڳل آهي. اُن جي آڌار تي ماپ به ٻڌڪي ڪري سگهبي."
وري مون کي مخاطب ٿي چيائين ته "ٻڌ ٻچا ڪجي؟ اڄڪلهه ٽيڏين جو زمانو آهي، هوءَ ڏيگهه جي سوال تي پنڌ ڪري ويٺي آهي. ڇوري تي ته پنهنجي قد جهڙو فٽ ئي گهوٽ ڪپي، هڪ انچ گهٽ نه هجي."

اهو ٻڌي منهنجي غيرت ڀڙڪو کاڌو. جولان وچان سٽ سري ٻڌائي ڇڏيمانس، "ڪاڪا پنهنجي ڌيءَ کي ڪنهن ساڍي 6 فوٽ فٽ ٽنهي سان ٿي وڃي شادي ڪرايو. هنکي ڏيگهه کپي، پر پيار نه کپيس."
ائين چئي مان ٽڪڙو ٽڪڙو گهر ڏانهن موٽڻ لڳس.

---

درستي:- صفحي ٣ تي ٻڌاڙيءَ جي سٽ ۾ "لظر اچي ٿي" لفظن بدران "نظر نٿي اچي" لفظ ڪري پڙهڻ ڪپن.

www.sindhsalamat.com www.ajuttam.com books.sindhsalamat.com